
لوڪ داستان
نويد بڪ ڊپو
جيلاني مارڪيٽ، شاهي بازار حيدرآباد.
چوٽڪي گهٽي، اردو بازار حيدرآباد.

# لوڪ داستان

30

1

ترتيب: غلام محمد شاهواڻي (مرحوم)

نويد بڪ ڊيپو

جيلاني مارڪيٽ شاهي بازار حيدرآباد.

جملي حق پبليشر وٽ محفوظ آهن

ڪتاب جو نالو ............ لوڪ داستان ⑪

ڇاپو............. . ............ پهريون

تعداد........................ هڪ هزار

سال ........................ 2008ع

قيمت 25 رپيا

## ڪهاڻيون

① سيد جعفر

② نڳي ماءُ

③ سچار ڪانير

④ پوڙهو گابار

⑤ ٻه پينرون

⑥ قيمتي ڳالهه

⑦ مولوي صاحب

# سليم ۽ جعفر

ڳالهه ڪندا آهن ته هڪڙي بادشاهه جي محلات ۾ ڪبوتر ۽ ڪبوتريءَ جو آکيرو هو، جنهن ۾ انهن جا ٻچا به هئا. اتفاق سان ڪبوتري ويچاري مري ويئي، ۽ ڪبوتر ڪا ٻي ڪبوتري هٿ ڪري، پنهنجي ٻچن جي رکواليءَ لاءِ، ان کي به آکيري ۾ ويهاريو. مگر ان ڪبوتريءَ هن جي ٻچن جي خدمت ڪا نه ڪئي، بلڪ انهن



کي ڪندا ڪارائي ماري ڇڏيائين. جنهن جي خبر ڪبوتر کي نه پيئي؛ پر راڻي، جا ان محلات ۾ رهندي هئي، تنهن اهو سمورو رنگ پئي ڏٺو، ته ڪيئن نئين ڪبوتري، اڳين ڪبوتريءَ جي ٻچن کي ختم ڪري ڇڏيو.

راڻيءَ جڏهن اهو حال ڏٺو، تڏهن هن جي دل ۾ هيءُ خيال اچي وينو ته، جيڪڏهن آءٌ مري وجان، ته پوءِ بادشاهه ضرور ٻي زال پرڻبو ۽ اها به منهنجن ٻچن سان اهڙي حالت ڪندي، جهڙي هن ڪبوتري اڳين جهرڪيءَ جي ٻچن سان ڪئي! راڻيءَ کي به پٽ هئا، جن مان وڏي جو نالو هو ”سليم“ ۽ ننڍي جو نالو ”جعفر“ هو. راڻيءَ هڪدم بادشاهه کي محلات ۾ گهرايو. بادشاهه محلات ۾ اچي حاضر ٿيو. راڻيءَ کي چيو ته: مون کي هڪ واعدو ڏيو! بادشاهه انجام ڏنس ته جيڪي تون چوندينءَ، سو قبول ڪندس. تنهن تي راڻيءَ بادشاهه کي چيو ته: مون سان انجام ڪريو ته منهنجي مرڻ بعد توهان ٻي شادي نه ڪندا! بادشاهه راڻيءَ سان اهڙو واعدو ڪيو.

قدرت الاهي ڪجهه عرصي گذرڻ بعد، راڻي مري ويئي. خوشامدڙيا اچي بادشاهه کي لڳا ته: قبلا سائين، اوهين شادي ڪريو. پر بادشاهه شادي ڪرڻ کان انڪار ڪيو. اميرن وزيرن پڻ بادشاهه کي شاديءَ جي صلاح ڏني ۽ شادي ڪرڻ لاءِ متس زور آندو. اتي بادشاهه ڏاڍو مجبور ٿي پيو ۽ آخرڪار وزير جي صلاح موجب شادي ڪرڻ قبول ڪيائين. وزير کي حڪم ڪيائين ته، ٻه محلات تيار ڪراءِ، جن مان هڪڙي ۾

شهزادا رهندا ۽ ٻئي ۾ منهنجي نئين راڻي رهندي. وزير حڪم موجب ٻه محلات تيار ڪرايا. ان بعد بادشاهه شادي ڪئي ۽ نئين راڻيءَ کي هڪ محلات ۾ رهايائين ۽ ٻئي ۾ شهزادا رهيا.

هڪڙي ڏينهن شهزادن چوڪرن سان گڏ محلات جي پرساڻ کينهي راند پئي ڪئي، ته اتفاق سان کينهون وڃي اندر محلات ۾ پيو، جو راڻيءَ ڪٽي پنهنجي هنج ۾ لڪائي ڇڏيو. چوڪرن سليم کي چيو ته: هيءَ ٻه اوهان جو گهر آهي، تون وڃي کينهون ڪٽي اچ. سليم چيو ته، جعفر وڃي، پر جعفر وڃڻ نه قبوليو، جنهن ڪري لاچار سليم کينهون ڪڻڻ لاءِ راڻيءَ جي محلات ۾ ويو ۽ راڻيءَ کان وڃي کينهون گهريائين. راڻي، سليم تي اڳيئي عاشق هئي، جنهن هن کي ههڙيءَ طرح پهريون ڀيرو محلات ۾ اڪيلو ڏسي، پاڻ ڏانهن ڇڪڻ جي ڪئي، تنهن تي سليم چيس ته: تون منهنجي ماءُ آهين، مون کان اهڙي ڳالهه ڪبئن تيندي! ۽ ائين چئي، هن کان کينهون کسي هلڻ لڳو. راڻي هن کي پنيان چنبڙي پيئي؛ پر سليم پنهنجي جند ڇڏائي نڪري ويو. راڻيءَ نااميد ٿي، يڪدم متي ۾ ڏوڙ ڪٽي وڌي، ۽ مَنجي اونڌي ڪري، وار چوڙي ڪري پيئي. ان بعد هڪڙي ٻانهيءَ کي لب

لالچ ڏيئي ۽ اک ڏيکاري، پنھنجو شاھد ڪيائين ۽ بادشاھ ڏانھن ماڻھو موڪليائين ته: ھڪدم ھيڏانھن اچ! بادشاھ دربار مان اٿي انھي ئي مھل محلات ۾ آيو. راڻيءَ بادشاھ کي چيو ته: تنھنجو پٽ منھنجي محلات ۾ گھڙي آيو ۽ مون ۾ اچي ھٿ وڌائين، مون مس مس ڪانئس جند ڇڏائي آھي. ھيءَ بانھيويٺي ھئي، ھن کان پڇي ڏسو. بانھيءَ به ساڳي شاھدي ڏني. بادشاھ اھا ڳالھ ٻڌي ڏاڍو ڪاوڙيو ۽ وزير کي حڪم ڪيائين: ٻنھي ڇوڪرن کي ماري. انھن جون سسيون مون کي آڻي ڏي.



"[illegible] answered before the [illegible] the [illegible] to the [illegible]"

وزير جڏهن اهو حڪم ٻڌو، تڏهن دل ۾ ڏاڍو پشيمان ٿيو ته: ناحق زور ڪري بادشاهه کي شادي ڪرايم، ساڳيو اهو حال ٿيو، جيڪو ڇوڪرن جي ماءُ جهرڪيءَ جي ٻچن جو ڏنو هو. وزير شهزادن وٽ آيو، ۽ کين چيائين ته: اوهان ملڪ ڇڏي وڃو، مان اوهان جي ڳولا ۾ نه ڪرندس، پر اوهان وڃو اتي، ته آءٌ اوهان کي ڏکڻ ڳولڻ ويندس. ڇوڪرا اها حقيقت ٻڌي، گهر مان نڪري روانا ٿيا ۽ سَر جي خوف کان منهن ونيو ائين ٿي ڀڄندا پئي ويا. هلندي هلندي نيٺ هنن کي رات پئجي ويئي ۽ هڪ وڻ هيٺان ويهي رهيا. سليم پنهنجي ننڍي ڀاءُ کي چيو ته: رات جو هي ڀهريون اڌ ٽڌن سمهي ننڊ ڪر، ته آءٌ ويهي ٿو پهرو ڏيان اهو ٻڌي ننڍو سمهي پيو، ۽ وڏو پهرو ڏيڻ لڳو. جعفر ننڊ ۾ خواب ڏٺو ته سليم کي بادشاهي ملي آهي ۽ پاڻ ڏهاڙي هڪ لعل اوڳاريندو ٿو رهي! اڌ رات کان پوءِ، سليم پنهنجي ننڍي ڀاءُ جعفر کي اٿاريو ۽ پاڻ سمهي پيو. جعفر پهري تي وينو، پر هن کي ننڊ جا هٿا گهيرت، سو هو وري به ليٽي پيو، ۽ ننڊ ڪٽي ويس. ايتري ۾ هڪ زهريلي بلا آئي، جيڪا جعفر جي وات ۾ زهر هاري، هن جو ساهه پي ويو تنهنڪري هي ويچارو مري ويو.

صبح جو سليم اٿي ڏسي ته سندس ڀاءُ مئو پيو آهي. هن کي ڏاڍو ڏک ٿيو. آخر ڀاءُ جي دفن ڪفن جي لاءِ ڪتان ڪوڏر ڪپڙي آڻڻ واسطي، هي ٽان نڪتو. اڃا ٿورو اڳيرو ويو، ته ان ملڪ جي بادشاهه، جنهن وفات ڪئي هئي ۽ لا اولاد مري ويو هو، سو ان جي وصيت هئي ته: باز اڏارجو، ۽ اهو جنهن جي مٿي تي ويهي؛ ان کي تخت تي اچي ويهارجو.“ سو جهڙو باز پريان اڏامندو پئي آيو، تهڙو اچي سليم جي مٿي تي وينو. باز جي پنيان جي امير وزير پئي آيا، تن سليم کي وني وجي تخت تي ويهاريو. سليم کي جو اوچتو بادشاهي ملي ويئي، تنهنڪري حال ته هن ڪان سندس ننڍي ڀاءُ جو دفنائڻ وسري ويو.

بسنت وڻ جي هينان پيو هو، ته اتان هڪ جوڳي زال سميت اچي لنگهيو. جوڳيءَ جي زال، جنهن کي اولاد هو ئي ڪو نه، تنهن جو ڇوڪري کي ڏٺو ته هڪ سهڻو، سدا ملوڪ، املهه ماڻڪ آهي، سو ان تي موهت ٿي ويئي ۽ جوڳيءَ کي چيائين ته: هيءُ منهنجو پٽ آهي، جيڪڏهن تون هن کي جيئرو ڪندين، ته مان توسان هلنديس، نه ته مان پنهنجي پٽ جي لاش تي هتي ويني هونديس، تون پل هليو وڃ! جوڳي ڏاڍو مجبور ٿيو ۽ زال کي چيائين ته: هن ۾ توکي ڏاڍي

تڪليف ونڻي پوندي، ان ڳالھ کي ڇڏي ڏي. پر جوڳياڻي پنهنجي ضد تان نہ لٿي. نيٺ جوڳيءَ زال کي چيو تہ: هاڻي ڀلا ڇيڻن جو ڍير ڪنو ڪر. جوڳياڻيءَ جهٽ پٽ ڇيڻن جو ڍير گڏ ڪري ورتو. تنهن وچ ۾ جوڳيءَ نانگ جو پير ڪٽي سندس ٻرڙ وجي لڌو. پوءِ ان ٻرڙ جي چوڌاري ڇيڻن جو ڍير ڪري، اتي ويهي منڊ پڙهڻ لڳو. ڪيتريءَ دير کان پوءِ نانگ ٻرڙ مان نڪتو ۽ جوڳيءَ کي چيائين تہ: توکي جيڪي گهرجي، سو مان توکي ڏيان، پر هينئر مون کي نہ ساڙ! جوڳيءَ نانگ کي چيو تہ: هن وڻ هيٺان جيڪو ڇوڪرو ماري آيو آهين، ان جو زهر چوسي اچ تہ پوءِ ڇڏيانءِ. نانگ گهڻو ئي ٽٽايو پر جوڳيءَ ڪين ڇڏيس. قصو ڪوتاھ، آخر نانگ ان وڻ وٽ اچي، ڇوڪري جي وات مان زهر چوسي ورتو، ۽ ڇوڪرو جيئرو ٿي پيو، جو جوڳين کي پوءِ پنهنجو پيءُ ماءُ سمجهي، انهن سان گڏ گهمندو رهيو.

بسنت، ان کان پوءِ قدرت سان ڏهاڙي لعل اوڳارڻ لڳو، جنهنڪري جوڳي ڏاڍو آسودو ٿي ويو. هڪڙي ڏينهن، جعفر جوڳيءَ کي چيو تہ: مون کي هڪ پلو گهوڙو وٺي ڏي. جوڳيءَ هن کي گهوڙو وٺي ڏنو، جنهن تي چڙهي جعفر هر روز پيو شڪار ڪندو هو.

بسنت، شڪار ڪندي ڪندي، هڪڙي ڏينهن پنهنجي پيءُ جي بادشاهيءَ ۾ اچي نڪتو. شهر کي چوڌاري پاهران ڪوٽ ڏياريل هو، جنهن جو دروازو بند هو. جعفر دربان کي گهڻو ئي ستايو تہ: آءٌ هڪ مسافر آهيان، دروازو کول تہ وڃي شهر ۾ آرام ڪريان. پر هن دروازو نہ کوليو. ان شهر جي پاهران هڪ بلا رهندي هئي، جا شهر ۾ اچي نقصان ڪري ويندي هئي؛ جنهنڪري سوير ئي دروازا بند ڪري ڇڏيندا هئا. بادشاهہ اعلان ڪري ڇڏيو هو تہ جيڪو بہ انهيءَ بلا کي ماريندو ان کي سڳ ڏيندس.

بسنت دروازي نہ کلڻ ڪري لاچار ٿي، دروازي کان پاهر گهوڙو ٻڌي، ڪپڙو وڇائي سمهي پيو. اجا ٿوري دير ڪا نہ گذري، تہ اها بلا ا نڪتي. جعفر ان بلا سان جنگ ڪري، ان کي ماري وڌو، ۽ بلا جو نڪ چپ ۽ پڇ ڪپي، دروازي هينان پوري وري بہ سمهي پيو. صبح جو سوير دستور موجب، ا شهر جو وزير دروازي کان پاهر نڪتو. ڏسي تہ بلا مئي پئي آهي ۽ هڪ ماڻهو بہ ننڊ ۾ سمهيو پيو آهي. وزير دل ۾ چيو تہ بلا ضرور انهيءَ آدميءَ ماري هوندي؛ تنهنڪري ان کي ختم ڪري، وڃي بادشاهہ کي ٿو چوان تہ بلا مون ماري آهي. اهو پهہ پچائي، ننڊ ۾ پيل ڇوڪري تي

آٽي ڏندا وسايائين، ۽ هٽي ويچاري جون ٽنگون ٻانهون ڀڄي وڌائين. وزير سمجهيو ته هاٿي هي مري ويو، سو ان کي ڪٽي پرسان هڪ کڏ هٿي، ان ۾ ڦٽو ڪيائين، ۽ پاڻ اچي بادشاهه کي چيائين ته: بلا مون ماري آهي، واعدي موجب سڳ ملي! بادشاهه، جو جعفر جو ڀاءُ سليم هو، تنهن اڳئين بادشاهه جي ڌيءُ کي چيو هو ته: مون واعدو ڪيو آهي، توکي وزير سان شادي ڪرڻي پوندي. ڇوڪريءَ جواب ڏنو ته: اهو وزير هميشه اسان جي شهر ۾ رهندو هو؛ اڳي هن کي اهڙي همت ڪا نه ٿي، سو هينئر بلا کي ڪيئن ماريائين؟ مون کي اعتبار ۾ ڪو نه ٿو اچي. بلا کي ڪنهن ٻئي ماريو آهي. وزير ڪوڙو آهي، پر جيڪڏهن توهان کي انجام پارڻو آهي، ته پنهنجي ڪا ڄايل ڌيءُ ڪٽي وزير کي ڏيو! سليم لاچار ٿي ويهي رهيو.

هوڏانهن جعفر کڏ ۾ پيو هو. نيٺ اتي هڪ ڪنير متيءَ کڻڻ لاءِ آيو، ۽ اچي ڏسي ته هڪ شهزادو پيو آهي، پر اڃا ٿورو ساهه اٿس. ڪنير کي اولاد ڪو نه هو، تنهنڪري هن کي اتان کڻي پنهنجي گهر آيو. ڪنير ته اصل ٿي هو، ۽ ڀڳي ٽٽي عضوي کي ڳنڍڻ هن جو ڪم هو، سو هن ويهي شهزادي جو علاج

ڪيو. جعفر روز لعل اوڳاريندو هو، جو ڪنيز ڪٺي پاڻ وٽ رکي ڇڏيندو هو، ۽ اهڙيءَ طرح ڪنيز به هڪ وڏو شاهوڪار ٿي ويو. پوءِ ته هن ڪجهه علاج پاڻ، ۽ ڪجهه پئسا ڏيئي بين حڪيمن طبيبن کان به جعفر جي دوا ڪرائي، ۽ ٿورن گهڻن ڏينهن بعد جعفر بلڪل تندرست ٿي ويو. پوءِ هو شاهاڻي پوشاڪ پهري، ڪيترائي ڏينهن مزي سان شهر گهمندو ڦرندو رهيو.

هڪڙي ڏينهن جعفر کي شهر ۾ گهمندي وزير ڏسي ورتو ۽ ڪيس سڃاڻي دل ۾ چيائين ته: مار! هي وري به ڇڱو ڀلو ٿي پيو. هاڻي هي جيڪڏهن بادشاهه جي پيش ٿيو، ته مان ڪوڙو ٿي پوندس. پوءِ ته موت جي سزا ملنديم! تنهنڪري وڃهه وڃي بادشاهه کي چيائين ته: ڪنيز جو پٽ ڏاڍو بدمعاش ٿي پيو آهي، ماڻهن کي ڏاڍو آزاريو اٿس، اهڙي ماڻهوءَ کي جيل ۾ رکڻ گهرجي. بادشاهه حڪم ڏنو ته: هن کي جهلي جيل ۾ رکيو وڃي! وزير پوءِ زوريءَ ۽ زبردستيءَ سان ڪنيز جي پٽ کي جيل ۾ اماڻيو، ۽ اتي به هن کي ڏاڍيون سختيون ڏياريون، پر هن جي قسمت چڱي ٿي جنهن ڪري بچي ريو.

هڪڙي ڏينهن، هڪڙو سوداگر ٻيڙو وٺي، انهيءَ شهر ۾ آيو. خدا جي قدرت، جو ٻيڙو اگتي هلڻ کان

روڪجي بيهي رهيو. سوداگر ڪيترائي حيلا هلايا، پر ٻيڙو اڳتي هلي نہ سگهيو. نيٺ ڪنهن ڏس ڏنس تہ: جڏهن ڪنهن ماڻهوءَ جو رت هن ٻيڙي کي لڳندو، ۽ ٻيڙي تان وهي وڃي درياءَ ۾ پوندو، تڏهن ئي هلندو. سوداگر بادشاهہ جي خدمت ۾ اچي عرض ڪيو تہ: جيترو بہ ناڻو چوندا اوترو ڏيڻ لاءِ تيار آهيان، مگر هڪڙو ماڻهو مونکي ڏيو، جنهن کي ڪُهي ٻيڙي تي رت لايان. بادشاهہ سوداگر کي چيو تہ: آءٌ ڪنهن سان ظلم ڪو نہ ڪندس. جيڪو پئسا وٺي پنهنجي خوشيءَ سان سِرُ ڏيندو، تہ مونکي اعتراض ڪونهي. سوداگر شهر ۾ پڙهيو گهمايو، پر ڪو بہ اهڙو ماڻهو هن کي ڪو نہ مليو. تنهن تي وزير موقعو وٺي، بادشاهہ کي چيو تہ: ڪنير جو پٽ، جيڪو جيل ۾ پيو آهي، جو درحقيقت هڪڙو رول ماڻهو آهي ۽ ڏاڍو بدمعاش آهي؛ جيل جي اندر بہ ڪيترا فساد ڪيا اٿس، ۽ اتي بہ تمام ظلم مچائي ڏنو اٿس. ان جي بانهن هن سوداگر کي ڏيون، تہ چڱو ٿيندو. ڇو تہ اهڙي فسادي ماڻهو جي جيئري رهڻ جو ضرور ڪو نہ آهي. بادشاهہ وزير جي اها رت قبول ڪئي ۽ کيس اهڙي اجازت ڏنائين. وزير چوڪري جي ٻانهن سوداگر جي حوالي ڪئي، ۽ کيس

ڏاڍو تاڪيد ڪيائين ته ڪنهن به طرح هن کي ختم ڪري ڇڏجئين.

سوداگر ڇوڪري کي وٺي بيڙي تي آيو ۽ ڪاتي تکي ڪرڻ لڳو. ڇوڪري پڇيس ته: هي ڇا ٿو ڪرين؟ سوداگر جواب ڏنو ته: توکي ڪهندس! ڇوڪري چيس ته: آءٌ ته توکي پيءُ بجاءِ ٿو سمجهان، ۽ آءٌ تنهنجو ئي پٽ آهيان، مون کي بيگناهه ڇو ٿو ڪهين؟ سوداگر چيس ته: تنهنجو رت بيڙي کي لائبو ۽ درياءَ ۾ ڦٽو ڪبو، تڏهن بيڙو هلندو. ڇوڪري چيو ته: منهنجي رت لاءِ مونکي نه ڪُهه، بيڙو آءٌ توکي هلائي ٿو ڏيان. سوداگر چيس ته: منهنجو فقط بيڙي هلائڻ سان مطلب آهي سو جي هليو ته پوءِ تنهنجي ڪهڻ مان مون کي ڇا هٿ ايندو! تنهنڪري جيڪي وٺئي سو ڪر، پر بيڙو هلائي ڏي. پوءِ جعفر هڪدم ڪپ سان ڇيچ کي ڇهڪ ڏيئي، ٻه تي ڦڙا بيڙي کي لاتا، ۽ ٻه تي ڦڙا درياءَ ۾ ڦٽا ڪيا، ته بيڙو اتي هلڻ لڳو. سوداگر خوش ته ٿيو، پر وزير واري تاڪيد هن کي دل ۾ هُر ڪُر مچائي ڏني، تنهنڪري ڇوڪري جي مارڻ جو خيال دل تان نه لاٿائين.

سوداگر جهاز هاڪاري هلڻ لڳو. هلندي هلندي وڃي هڪڙي ٻئي ملڪ ۾ نڪتا. اتي پهچي، بيڙي

مان لهي شهر ۾ گهمڻ لاءِ ويا، تہ هڪ هنڌ هڪڙو تختو ٽنگيل ڏٺائون، جنهن تي لکيل هو تہ: هن دروازي جي اندر ڪنهن بہ انسان کي اچڻ جي اجازت ڪانهي. جيڪو ايندو، تنهن کي مارائي ڇڏيو. جعفر سوداگر کي چيو تہ: بابا، آءٌ هن دروازي مان اندر ويندس. سوداگر جي دل ۾ تہ اڳيئي دغا هئي، سو هن دل ۾ چيو تہ جي اٿين ٿي هن جو خاتمو ٿي وڃي تہ بہ چڱو. سو وڏيءَ خوشيءَ سان هن کي موڪل ڏنائين.

بسنت ڪوٽ ۾ اندر ويو. اڳتي وڃي ڏسي تہ باغ ۾ هڪڙي شهزادي ويٺي آهي، جنهن هن کي ڏسي اتي ئي ڪٺي پڪڙايو، پر پوءِ جعفر جي سونهن سوڀيا ڏسي سندس حسب نسب پڇيائين. ڇوڪري پنهنجو سچو قصو، جيڪي هن تي ٿي گذريو، هو، سو سڀ شهزاديءَ سان بيان ڪيو. جنهن تي شهزادي هن تي راضي ٿي، ۽ هن سان شادي ڪرڻ لاءِ تيار ٿي. جعفر پنهنجو نشان پتو، سوداگر جي بيڙي جو ڏيئي، بيڙي تي واپس موٽي آيو. هوڏانهن شهزاديءَ پيءُ کي چيو تہ: مون پنهنجو مڙس پسند ڪيوآهي، آءٌ ان سان شادي ڪنديس.

بادشاهہ تنهن تي سوداگر کي پٽ سميت حاضر ٿيڻ لاءِ حڪم موڪليو. سوداگر ڇوڪري تي ڏمريو تہ

باغ ۾ وڃڻ ڪري هيءُ سڏ ٿيو آهي، هاڻي ٻئي ڄڻا مرنداسين. ڇوڪر کي دلجاءِ ڏئي، تنهن سوداگر کي چيو تہ: توهين ڪو بہ فڪر نہ ڪريو. آخرڪار سوداگر جعفر سميت بادشاهہ وٽ اچي حاضر ٿيو، بادشاهہ سوداگر کي ڏاڍي عزت ڏني، ۽ مائٽيءَ ڪرڻ لاءِ ڪيس چيائين. سوداگر قبول ڪيو، ۽ شادي خير خوبيءَ سان ٿي گذري. جعفر بادشاهي محلات ۾ رهندو هو، پر سوداگر هاڻي هن جي دعويٰ ئي نہ ڇڏيندو هو.

هڪڙي ڏينهن، سوداگر اتان ڪُوچ ڪرڻ جو خيال ڪيو: تنهنڪري بادشاهہ کان موڪل ورتي، پنهنجي پُٽ ۽ نُنهن کي بہ ساڻ ورتي وڃڻ لاءِ اتان ڪين ورتي ٻيڙي تي آيو، ۽ هي سڀ ٻيڙي ۾ چڙهي ويٺا، پوءِ ورتي ٻيڙي کي هاڪارايائون. هلندي هلندي ٿوري گهڻي ڏينهن، ساڳئي سليم واري ملڪ جي ويجهو اچي پهتا: سوداگر کي دل ۾ خيال آيو تہ هاڻي وزير هن کي جيئرو ڏسندو، سو تہ مون کي ضد ڪري ڏاڍو هلاڪ ڪندو: تنهنڪري ڪا اٽڪل ڪجي. سو جعفر کي چيائين تہ: اڄ ٻيڙو تون هلاءِ. جعفر ٻيڙو هلائڻ لڳو. سوداگر نيت بُري ڪري، بہ ڏينهن ڄاڻي ٻجهي جعفر کان جهاز هلائڻ جو وارو ئي نہ ورتو. ٽئين ڏينهن سوداگر هن کان اچي وارو ورتو. جعفر رات ڏينهن جي

واجاڳي سبب تمام ٿڪجي پيو هو، تنهنڪري ليٽڻ سان هن ويچاري کي ننڊ ڪٽي ويئي. سوداگر اهو وجهه ڏسي، هن کي ننڊ ۾ ئي ڪٺي هڪڙي پيتيءَ ۾ بند ڪيو، ۽ پيتي ڪٺي درياءَ ۾ ڦٽي ڪئي ته جيئن ٻڏي مري وڃي. پر چوندا آهن ته مارڻ واري کان بچائڻ وارو ويجهو آهي، سو خدا جي فضل سان، جعفر واري پيتي ٻڏي ڪا نه، ۽ جهاز جي پنيان لڳي پئي آئي، جنهن جي خبر سوداگر کي ڪا نه پئي. ڪجهه وقت کان پوءِ ٻيڙو اچي بندر تي بيٺو، ۽ پيتي به لڙهندي لڙهندي اچي ڪناري سان لڳي. اتي هڪڙي ڌوٻيءَ بيٺي ڪپڙا ڌوتا. پريان ڪٺي ڏسي، ته هڪڙي پيتي پئي لڙهندي اچي، سو هن يڪدم وڃي پيتي هٿ ڪئي. کولي جان ڪٺي ڏسي ته واهه واهه، ان ۾ هڪڙو شهزادو ستو پيو آهي! ڌوٻيءَ کي پٽ ڪو نه هو، تنهن شهزادي کي پنهنجو پٽ ڪري سمجهيو، ۽ ڪيس وڏي خوشيءَ سان پنهنجي گهر وٺي آيو.

سوداگر کي دل ۾ جو اچي دغا گهر ڪري ويئي، سو جعفر کي ٻڏل سمجهي، هن جي زال کي اچي چيائين ته: هاڻي تون منهنجي زال آهين. شهزاديءَ چيس ته: آءٌ تنهنجي ننهن آهيان، زال وري ڪيئن ٿيس! ان بعد سوداگر ڪوششون ڪرڻ لڳو ته

شهزاديءَ کي ڪنهن طرح سان ريجهائي راضي ڪريان، پر شهزاديءَ هن کي ڪڏهن بہ سنئون منهن ڪين ڏنو.

هوڏانهن جعفر ڌوٻيءَ کي سيکاريو تہ: تون پاڻ کي مُلو چواءِ، ۽ پڙهو گهماءِ، تہ آءٌ دعائون ۽ تعويذ ڪندو آهيان. پوءِ ڌوٻيءَ سوداگر جي بيٺڪ وٽ اچي پاڻ کي مُلو مشهور ڪيو، ۽ هُلايو تہ: ڪنهن جي زال رنل هجي، يا ڪو بيو ڪم ڪنهن جو هجي، تہ آءٌ اهو ڦيٽڻ تعويذن سان ڪري ڏيندس. سوداگر جو اهو ٻڌو، تنهن خيال ڪيو تہ من هن ملان جي چندن ڦيٽڻ سان شهزادي مون سان نهي وڃي. سو ملان سان پنهنجي دل جو انسنو بيان ڪري، هن کي شهزاديءَ ڏانهن بيٺڪ تي موڪليائين. ملان شهزاديءَ کي خلاصو وٺي وڃي ڪيس سارو قصو ڪري ٻڌايو تہ: تنهنجو مڙس مون وٽ سلامت آهي، پر هاڻي تون سياڻپ ڪر، جو سوداگر سان ڪلي خوش ٿي، ٿورو ٿورو ڳالهاءِ! جنهن تي شهزاديءَ، ملان جي چوڻ موجب، سوداگر سان ٿورو ٿورو راضي ٿي؛ سوداگر کي بہ ملان تي ويساهہ ويهي ويو، تنهن بہ ٿي ڏينهن لاڳيتا ملان کي شهزاديءَ جي چندي ڦيٽي ڪرڻ لاءِ شهزاديءَ ڏانهن

موڪليو. شهزاديءَ به سياٽپ ڪري، سوداگر سان تيئن منيون منيون ڳالهيون ڪرڻ لڳي.

پوءِ جعفر ڌوٻيءَ کي سيڪاري چيو ته: تون بادشاهه وٽ وڃ، ۽ وڃي چوينس ته منهنجي ڌيءُ سليم جعفر جي ڳالهه ڪٽندي آهي. جيڪڏهن بادشاهه سلامت اها ڳالهه ٻڌڻ چاهي، ته پوءِ حڪم ڏيو ته منهنجي ڌيءُ سائين جن جي ڪچهريءَ ۾ اها ڳالهه اچي ٻڌائي. سليم جڏهن اهو ٻڌو، تڏهن پنهنجي ياءُ جعفر کي ياد ڪرڻ لڳو، ۽ ڌوٻيءَ کي چيائين ته: اسان کي اها ڳالهه ٻڌڻ منظور آهي. فلاڻي وقت پلي اهو قصو ڪنيو وڃي.

هوڏانهن سليم ۽ جعفر جو اصلي پيءُ هڪ ڏينهن محلات ۾ ستو پيو هو. ظاهريءَ طرح ننڊ ۾ هو، پر حقيقت ۾ سجاڳ هو، ته نئينءَ راڻي بادشاهه کي ننڊ ۾ پيل سمجهي، ٻانهيءَ کي چيو ته: هونئن ته توکي گهڻو ئي انعام ڏنو اٿم، پر توري گهٽي ڏينهن، وزير جڏهن به چوڪرن جا سر ڪٽي آيو، ته پوءِ توکي هيڪاري ڊئي ڇڏينديس. بادشاهه راڻيءَ جا اهي گفتا، ٻڌي ورتا: جنهن تي اڳينءَ راڻيءَ واري ڳالهه دل ۾ چيپي ويس، ۽ هڪدم ٽپ ڏيئي اٿيو، ۽ راڻي ۽ ٻانهيءَ کي ماري، اٿي وزير جي پنيان پيو، ته متان ڪٽي شهزادن کي ڳولي ماري نه وجهي.

خدا جي قدرت، جو بادشاھ ائين گھمندو گھمندو، ڏيھہ ڏورينڊو ۽ ملڪ پچندو، ان ڏينھن اچي اتي پھتو. وري اتفاق جي ڳالھہ اھڙي، جو سندس وزير بہ ان ڏينھن اتي اچي سھڙيو، ۽ جوڳي ۽ جوڳياڻي بہ پنھنجي پٽ جي ڳولا ۾ اتي اچي پھتا. انھن سڀني پڙھو ٻڌو تہ: ڌوٻيءَ جي ڌيءُ، فلاڻي وقت بادشاھ جي ڪچھريءَ ۾، سليم ۽ جعفر جي ڳالھہ ڪٿندي. سو ڳالھہ ٻڌڻ لاءِ اھي سڀ ماڻھو – بادشاھ، وزير، ڪنير ۽ جوڳي _ ان ملڪ جي بادشاھ جي ڪچھريءَ ۾ اچي گڏ ٿيا. ھوڏانھن شھزاديءَ سوداگر کي چيو تہ: مان بہ سليم جعفر جي آکاڻي ٻڌڻ لاءِ بادشاھ جي ڪچھريءَ ۾ وينديس؛ سو مون کي اتي وڃڻ لاءِ موڪل ڏي. سوداگر سمجھيو تہ شھزادي مس مس راضي ٿي آھي، ھاڻي آءٌ بہ ھن جي راض تي ھلان. تنھنڪري شھزاديءَ کي پاڻ سان وٺي، ھو بہ انھيءَ ڳالھہ ٻڌڻ لاءِ، بادشاھ جي ڪچھريءَ ۾ اچي حاضر ٿيو.

ڌوٻيءَ جي ڌيءُ، برقعو پائي بادشآھ جي ڪچھريءَ ۾ آئي، ۽ اچڻ سان بادشآھ کي چيائين تہ: منھنجي ڳالھہ جي وچ ۾ جيڪو ماڻھو ڳالھائيندو، ان کي سؤ موچڙا منھنجو پيءُ ڌوٻي ھڻندو. انھيءَ شرط سان آءٌ ڳالھہ ڪٿنديس! بادشاھ سڀ ڳالھيون قبول

ڪيون. ڪچهري لڳي ويئي، امير امراءُ، شهر جا ماڻهو، سليم جعفر جو پيءُ، وزير، ڪنيز، جوڳي، سوداگر ۽ شهزادي سڀ اچي گڏ ٿيا. اتي ڇوڪريءَ ڳالهه ڪنئين ... ۽ جڏهن قيد جو قصو ڪيائين ته وزير اتي به غريب بي ڏوهيءَ کي تڪليفون ڏنيون، ته وزير کان بي اختيار واتان نڪري ويو ته: مون وري ڪٿي؟ اتي ڇوڪريءَ چيو ته: هٿو وزير کي هڪ سؤ موچڙا. اهڙيءَ طرح ٿي دفعا وزير وچ ۾ ڳالهايو، ۽ هن ٿي سؤ موچڙا ڪچهريءَ اندر کاڌا. ڳالهه هلندي هلندي، سوداگر جي به چڱي مرمت ٿي.

ڳالهه ختم ٿيڻ تي سيني پاڻ کي ظاهر ڪيو، ۽ سڀ وڇڙيل هڪٻئي سان مليا. سليم بادشاهه ظالم وزير کي مارائي ڇڏيو، ۽ پيءُ ياءُ سان ياڪر پائي اچي مليو. اهڙيءَ طرح ۽ سڀ وڇڙيل پاڻ ۾ اچي گڏيا. جهڙو ميلو انهن جو ٿيو، تهڙو شل جڳ جهان جو ٿئي.

# نِڳي ماءُ

يمن ملڪ جو هڪ بادشاهه هو. هڪڙي ڏينهن بادشاهه ڪنهن پاسي شڪار لاءِ ويو. سندس راڻي اڪيلي محلات ۾ ليٽي پيئي هئي ته ڇا ڏسي ته سندس محلات ۾ ڪبوتريءَ جو آکيرو هو، جنهن ۾ ان جا ٻچا به رهندا هئا. تنهن ۾ ان ڪبوتريءَ جي مرڻ کان پوءِ ڪبوترَ ٻي شادي ڪري، هڪڙي ٻي ڪبوتري وٺي آيو هو، تنهن اڳين ڪبوتريءَ جي ٻچن کي ڪاڏي ٻدران سيلها ڪندا آڻي ڏنا آهن. ننڍڙا ٻچا ويچارا! سيلها ڪندا ڪائيندا مرندا ويا ۽ اچي هيٺ ڪريا. راڻيءَ کي اهو لقاءُ ڏسي، تمام گهڻو ڏک ٿيو، سو ڇا ڪيائين جو ڪارا ڪپڙا پائي، اونڌي منجي ڪري ويهي رهي. جڏهن بادشاهه شڪار تان موٽيو، تڏهن راڻيءَ کان هن حالت جو سبب پڇيائين. راڻيءَ چيس ته: بادشاهه سلامت! پهرين قول ڏي ته پوءِ ٻڌايانءِ. جڏهن بادشاهه قول ڏنس، تڏهن راڻيءَ جهرڪيءَ واري سڄي حقيقت کيس ٻڌائي ۽ چيائينس ته: جيڪڏهن آءٌ مري وڃان، ته ٻي شادي نه ڪجو: ڇو ته مان ٻي راڻي

منهنجن ٻچن سان هن جهرڪيءَ وارتو ڪم ڪري!
بادشاهه راڻيءَ کي پورو ويساهه ڏنو ۽ قبول ڪيائين
تہ: آءُ ڪڏهن بہ ٻي شادي نہ ڪندس.

خدا جي قدرت سان تورن گهڻن ڏينهن اها راڻي فوت ٿي ويئي، ۽ پويان هڪ شهزادو ۽ شهزادي ڇڏي ويئي. بادشاهه کي راڻيءَ جي موت جو تمام گهڻو ڏک هو، مگر ڪجهه ڏينهن بعد، ڪيس اميرن وزيرن ٻيءَ شادي ڪرڻ لاءِ چيو. پهرين تہ صاف انڪار ڪري ڇڏيائين، پر جڏهن ڪنهن ڳالهہ لاءِ گهڻا ماڻهو اچي زور ڀريندا، تہ آخر اها ڳالهہ مڃڻي ئي پوندي آهي. بادشاهہ بہ آخرڪار شادي ڪرڻ لاءِ تيار ٿيو، ۽ تورن ڏينهن ڪان پوءِ سندس شادي بہ ٿي گذري. جڏهن بادشاهہ جي ٻي راڻيءَ گهرِ ۾ پير ڄمايا، تڏهن بادشاهہ جي اڳئين اولاد، شهزادي ۽ شهزاديءَ کي تنگ ڪرڻ شروع ڪيائين. ڪين ڪاڏي لاءِ جوَن جي ماني ڏيندي هئي. ڇا بادشاهي ٻار ۽ ڇا جوَن جي ماني! مگر ويچارا ڇا ڪن. ماني وني ڪنهن ڪنڊ پاسي اچلائي، اڌ بک اڌ ڍو تي پيا گذران ڪندا هئا. تنهن ڪان سواءِ سندن ماتيليءَ ماءُ بادشاهہ کي اهڙو وني برغلايو، جو اٿندي ويهندي هنن کي پيو ڇينييندو هو. آخر تيندي تيندي، هنن جي مٿان مال چارڻ جو ڪم مقرر ٿي ويو.

هي ٻئي ياءُ ڀيڻ پوءِ روز مال چارڻ جهنگ ۾ ويندا هئا. انهيءَ مال ۾ سَيين پارين سهڻي هڪڙي ڪُنڍي چال مينهن هئي، جنهن سان ٻادشاهه جي ڏاڍي دل هوندي هئي. تنهن هنن کي اهڙيءَ ٻڪ ۾ ڏسي، ڪانئن پڇيو تہ: اوهان سان اهڙي ويڌن ڇو آهي؟ هنن سموري حقيقت ان ڀتاريءَ مينهن کي ٻڌائي، تڏهن مينهن کين چيو تہ: مانيءَ جي مهل توهان منهنجي سڄي سڱ کي لوڏو ڏيندا، تہ ان مان چوريءَ جو وٽو نڪري ايندو، ۽ ڪٻي سڱ کي لوڏو ڏيندا تہ کير جو لوٽو ڀرجي نڪرندو. اهو توهين کاڌي لاءِ ڪم آڻيندا ڪريو. بس، ٻئي ياءُ ڀيڻ پوءِ اهڙيءَ طرح گذران ڪرڻ لڳا، ۽ پيٽ ڀري کائي پي، ٻدن ۾ بہ ڪجهہ نهي ويا. ٻنهي ياءُ ڀيڻ کي وري بہ خوش ڏسي، سندن ماتيجي ماءُ دل ئي دل ۾ سڙڻ لڳي ۽ هنن جي پويان جاسوسي ڪرڻ شروع ڪيائين. آخر هن کي پتو پئجي ويو تہ هڪ مينهن جي وسيلي سندن کاڌي خوراڪ جو بندوبست ٿي رهيو آهي. هيءَ اهو ساڙ جهلي نہ سگهي، ۽ ٻئي ڏينهن شهر جي مُلان کي گهرائي، پاڻ ۾ سِٽ سِٽائون. ٻئي ڏينهن جيئن سج اڀريو، تيئن ”پيٽ سور مران، پيٽ سور مران“ جون دانهون ۽ ڪوڪون ڪرڻ لڳي ۽ ٻانهيءَ کي ملان ڏانهن

موڪليائين. هُن ڪتاب پڙهي چيو تہ: بادشاهہ جي مينهن ۾ جيڪا ڪنڊي چال مينهن آهي، ۽ جنهن سان بادشاهہ جي گهڻي ۾ گهڻي دل آهي، جيڪڏهن ان جو جيرو ڪائيندي، تہ پيٽ جو سور ڇڏي ويندس. بادشاهہ يڪدم ان مينهن جي ڪُهڻ جو حڪم ڏنو. جڏهن شهزادي ۽ شهزاديءَ کي ان ڳالهہ جي ڪڙڪ پئي. تڏهن مينهن سان ڳالهہ ڪيائون. تڏهن مينهن چيو تہ: جيڪڏهن ائين آهي، تہ پوءِ جڏهن مون کي ڪُهڻ لاءِ دسين، ۽ ڪنڌ تي ڪاتي رکن، تہ ان مهل ٻئي ياءُ پيڻ خاڪ جون منيون پري، منهنجي نڙگهٽ مٿان اڇلائي،يڪدم منهنجي مٿان چڙهي ويهجو.

ٻئي ڏينهن جڏهن ڪاسائي مينهن کي ڪُهڻ آيو ۽ ڪيس دسي ڪنڌ تي ڪاتي رکيائين، تڏهن شهزادي ۽ شهزاديءَ مٿس خاڪ جون مُنيون پري ڪٽي اڇليون، ۽ ٻئي ياءُ پيڻ ٽپ ڏيئي مٿس چڙهي وينا. اُتي مينهن هڪدم اٿي ڪڙي تي. جڏهن مينهن اُتي هلڻ لڳي، تڏهن بيون سڀ مينهون بہ هُن جي پنيان هلڻ لڳيون. اهڙيءَ طرح هلندي هلندي، هڪ هنڌ ڪين اچي سج لٿو، ۽ رات اُتي ئي ترسي پيا. ڪاڏي پيتي جو بيو سامان نہ هئڻ ڪري، مينهن جو ڪير پي ڍؤ ڪيائون. جيڪو ڪير بچيو، سو هڪ ڏرڙ ۾ هاريندا ويا. ٻن ٽن ڏينهن

ڪان پوءِ اُن ڏرڙ مان هڪ واسينگ نانگ نڪتو. نانگ کي ڏسي، ويچارا هي ٻئي ڊڄي ويا. اُتي نانگ مينهن کي چيو ته: هنن کي چئو ته مون کان نه ڊڄن، چو ته مان سندن مددگار آهيان؛ ٻيو ته هنن مون کي کير پياريو آهي، تنهنڪري هنن کي درياءَ جي ڪناري تي هڪڙو بنگلو ٺهرائي ڏيندس، ۽ ٻنهي ياءُ ڀيڻ جا وار به سونا ڪندس. ائين چئي واسينگ نانگ ڦوڪ ڏني ته يڪدم بنگلو تيار ٿي ويو، ۽ وري ٻي ڦوڪ ڏنائين ته هن ٻنهي ياءُ ڀيڻ جا وار به سونا ٿي ويا.

هي ياءُ ڀيڻ ان بنگلي ۾ رهڻ لڳا. شهزادي دل کي وندرائڻ لاءِ ٻين وڄائڻ سکندي هئي؛ ۽ ان هنر ۾ اهڙي ته پڪ ٿي ويئي، جو واسينگ ته ويتر مٿس موهت ٿي پيو، ۽ هر وقت شهزاديءَ جي چوڻ ۾ رهڻ لڳو. هڪ ڏينهن هي ٻئي ياءُ ڀيڻ درياءَ تي وهنجڻ ويا، ته اتفاق سان شهزاديءَ جو هڪ وار درياءَ ۾ لڙهي ويو. اهو وار وري مڇي ڳهي ويئي. قدرت خدا جي سان اها مڇي هڪڙي مهاڻي جي ڄاريءَ ۾ اچي ڦاٿي، جنهن وري اها مڇي آڻي اتان جي بادشاهه جي محلات تي ڏني. جڏهن مڇيءَ کي به اڌ ڪيائون، ته ان مان هڪ سونو وار نڪتو. بادشاهه جو پٽ، جو ان وقت اتي ويٺو هو. تنهن وار ڏسڻ سان پنهنجي پيءُ کي وڃي

چيو تہ: آءُ شادي ڪندس سونن وارن واري ڇوڪريءَ سان، نہ تہ آءٌ ڪڏهن بہ ٻيءَ سان شادي نہ ڪندس. بادشاهہ هيڏانهن هوڏانهن ماڻهو ڊوڙايا. نيٺ ڪين هڪ ڏوتيءَ کانۡ پتو پيو تہ فلاڻي هنڌ درياءَ جي ڪناري تي هڪ محلات ۾ ٻہ ڀاءُ ڀيڻ رهندا آهن، جن ٻنهي جا سونا وار آهن. آخر بادشاهہ اوڏانهن ماڻهو موڪليو تہ پير ر سگ هن جو ڀاءُ شهزادي لاءِ ڏئي. ليڪن هن انڪار ڪيو، ۽ چيائين تہ: آءٌ پاڻ هڪ شهزادو آهيان، پر ڪنَ مصيبتن جي ڪري هن حالت کي پهتو آهيان، نيٺ بادشاهہ ٻي.ڪا واهہ نہ ڏسي، شهزادي سان سگ جي ڏي وٺ ڪئي. جڏهن هنن جون شاديون ٿي چڪيون، تڏهن ڀاءُ ۽ ڀيڻ بادشاهہ کان اجازت گهري تہ: اسان کي موڪل ڏي، تہ اسين پنهنجي پيءُ سان ملي ڪيس ڏسي اچون.

بادشاهہ کان اجازت وٺي، جڏهن ڀاءُ ڀيڻ هلڻ لڳا، تڏهن شهزادي ۽ زال، ۽ سندس پيٽويو بہ تيار ٿيا، ۽ سڀ گڏجي جڏهن پيءُ وٽ پهتا، تڏهن هو ڪين صحيح سلامت ڏسي، ڏاڍو خوش ٿيو، ۽ هرڪو پوءِ پنهنجي پنهنجي گهر خوش و خرم گذارڻ لڳو.

**

# سچار ڪانير

ڳالهہ ڪندا آهن تہ هڪڙي شهر ۾ ڪو غريب چوڪرو رهندو هو. هن جي پيءُ کي مرندي ڪافي سال گذري چڪا هئا، باقي پوڙهي ماءُ هيس. هي ويچارو، جهنگ مان ڪانيون ڪري، اچي شهر ۾ وڪڻندو هو، ان مان جيڪي پئسا ملندا هئس، تن مان ڏکيو سکيو پيو گذر ڪندو هو. ڪنهن ڏيئي اچي خيال تيس تہ هن شهر ۾ منهنجو اهڙو ڪو دوست ئي ڪونهي، جنهن سان ڪڏهن ڪٿي بہ چار ڳالهيون ڪري روح وندرايان، يا ڪنهن ڏکئي سکئي وقت ۾ ڪانئس ڪا مدد وٺي سگهان. اهو خيال ويو سندس دل ۾ پڪو ٿيندو. آخر هڪڙي ڏينهن وجهہ وٺي، بادشاهہ جي ڌوٻيءَ وٽ ويو. ڌوٻي، جو اڳ ۾ هن جو واقف ڪو نہ هو، تنهن اوپرو ماڻهو ڏسي ڪانئس پڇيو تہ: ميان! ڪير آهين، ۽ ڪهڙي ڪم سان مون وٽ آيو آهين؟ ڪانير چوڪري جواب ڏنس تہ: ادا! غريب ڪانير آهيان. ڪو دوست ۽ يار ڪو نہ اٿم، سو توسان ياري رکڻ لاءِ آيو آهيان، جي مون سان ياراڻي رکين تہ ڏاڍو

چڱو! ڌوٻي هن جو غريباڻو حال ڏسي، دل ۾ چيو ته ڀلي غريب ۽ ڪنگال سان ياراڻي رکڻ نه ٿي ته ڪا نه ٿي، پر ويچارو اميد ساري آيو آهي، سو ڪيس نااميد ڪو نه ڪبو. تنهنڪري جواب ڏنائينس ته: ڀائو! فڪر نه ڪر، اڄ کان پوءِ تون منهنجو يار آهين. بس اهو ٻڌي، هيءُ غريب ٻهار ٻهار ٿي ويو، ۽ ڌوٻي ڪان موڪلائي گهر آيو.

ان ڏينهن کان پوءِ هن غريب ڪاٺير اهو دستور ڪري ڇڏيو، جو جهنگ مان روزانو ٻه ڀريون ڪاٺين جون آڻيندو هو، هڪڙي ڀري دوست ڌوٻي کي پهچائيندو هو ۽ باقي هڪ ڀري شهر ۾ وڪڻي پنهنجو ۽ پوڙهيءَ ماءُ جو پيٽ گذر ڪندو هو.

ڪجهه ڏينهن گذرڻ کانپوءِ وري هن کي خيال آيو ته هڪڙو دوست ته ڪيم، پر ٻيو به يار ٿي پوي ته ڏاڍو چڱو. سو اهو خيال ڪري هو بادشاهي گهوڙن جي سئيس وٽ وڃي پهتو. جنهن به ڏسي چيس ته: ميان! تون ڪير آهين ۽ ڪهڙي ڪم سان آيو آهين؟ هن جوڪري ساڳي وراڻي ڏنس ته: ادا! آءٌ غريب ڪاٺير آهيان، توسان دوستي رکڻ جي ارادي سان آيو آهيان. سئيس دل ۾ خيال ڪيو ته ڀلي ڪنگال سان دوستي نهي ته ڪا نه ٿي، پر هيءُ جو اميد ساري آيو آهي

تنهنڪري انڪار ڪرڻ نيڪ ڪو نہ ٿيندو. سو چيائينس تہ: چڱو ادا! اج ڪان وٺي پاڻ يار آهيون. اهو ٻڌي هيءُ همراهہ خوش ٿي پنهنجي گهر موٽي آيو. ان ڏينهن کان پوءِ جهنگ مان ٻن جي ٻدران ٽي پريون ڪانئن جون آڻڻ لڳو، جن مان هڪ پري دستور موجب پنهنجي پهرئين دوست ڌوٻيءَ کي، ۽ ٻي پري ٻئي دوست سئيس کي پهچائي، باقي ٽين پري شهر ۾ وڪڻندو هو.

ائين ڪانئن جون پريون دوستن کي پهچائيندي هن کي گهڻو وقت گذري ويو. سندس انهن يارن جو هن غريب ڪانير جي اهڙي دل ڏني، سو هاڻي هن کي دل سان قرب ڏيڻ لڳا، جو ڏنائون تہ آهي ويچارو غريب پر اسان سان چڱي نموني نباهيندو پيو اچي. هڪڙي ڏينهن ڪانير کي دل ۾ خيال آيو تہ: ڪانيون وڪڻي وڪڻي ٿڪجي پيو آهيان ۽ آرام بہ پورو ڪونهي، تنهنڪري ڇو نہ اج ڪجهہ آرام وٺان. سو صبح سان گهر جو ڪم ڪار ڪري، ٻي اونو ٿي وڃي سمهي پيو. ننڊ ۾ خواب ٿو ڏسي تہ ڪو ماڻهو کيس چئي ٿو تہ: اي ڇوڪرا! سمنڊ جي ڪناري تي وڃي سير ڪر! هيءُ يڪدم جاڳي پيو ۽ خيال ڪيائين تہ انهيءَ ۾ ضرور ڪو راز رکيل آهي، تنهنڪري سمنڊ

ڏانهن وڃڻ لاءِ سنبريو؛ پر سمنڊ هو تمام پري، تنهنڪري خيال ڪيائين ته ڇو نه اڄ ڪٿي دوستن کان مدد ونجي! سو پهرين سڌو آيو پنهنجي ڌوٻي دوست وٽ، ان کي چيائين ته: يار! اڄ ته ڪو بادشاهي وڳو ڏينم، ته پائي ڪجهه سير ڪري اچان. ڌوٻيءَ چيس ته: يار! آءٌ توکي اڪين سان بادشاهه جو وڳو ڪيئي ڏيان، پر جي ڪنهن ماڻهو ڏسي ورتو ته پوءِ ٻئي ڄڻا مارجي ويندا سين. ڪانير چيس ته: يارَ! ڪو ٻه فڪر نه ڪر، آءٌ اهو وڳو ڍڪي سمنڊ ڏانهن هليو ويندس، اتان موٽي صبح جي نماز کان اڳ ۾ پهچائي ڏيندوسانءِ؛ ته ڪتو ڏسي نه ٻهي. ڌوٻي يار ڪانير جي ڳالهه کي ٽاري نه سگهيو، ماٺ ميٺ ۾ هن کي هڪڙو عمدو وڳو ڪڍي ڏنائين. ڪانير خوش ٿي، وڳو ڪڍي سڌو پنهنجي سئيس دوست وٽ آيو. وري ان کي ٻه چيائين ته: دوست! اڄ مرضي اٿم ته سمنڊ جو ڪجهه سير ڪري اچان، سو جيڪر ڪو ٻلو گهوڙو ڏين ته ڏاڍو چڱو. صبح جو سوير نماز کان اڳ موٽائي آڻي ڏيندوسانءِ. سئيس البت دل هنئي، پر پوءِ يار جي ناراض ٿيڻ جي خيال کان، هڪڙو ٻلو گهوڙو ڪڍي هن جي حوالي ڪيائين. هن غريب ڇا ڪيو جو بادشاهي وڳو ڍڪي، ٻلي گهوڙي تي چڙهي، سمنڊ ڏانهن ڪاهي هليو.

گهوڙو هو پلو تنهن جهٽ پٽ آڻي سمنڊ جي ڪناري تي پهچايس. هيءُ گهوڙي تان لهي سمنڊ جي ڪناري تي گهمڻ لڳو. سير ڪندي اوچتو پرِيان ڪيس ڪا شيءِ نظر آئي: وڌي اڳيرو ويو، ڇا ڏسي تہ هڪڙو وڏو ۽ ٿاهوڪو پڪل ڏاڙهون پيو آهي! هن اهو ڪٽي پاڻ وٽ رکيو. وري ٿورو اڳي وڌيو تہ سمنڊ جي ڪناري تي هڪڙو غوراب بيٺل ڏٺائين. ڇوڪرو يڪدم غوراب تي چڙهي ويو ۽ ڪپتان سان مليو، ان ڪان پڇيائين تہ: هي غوراب ڪنهن جو آهي؟ ڪپتان ڪيس بادشاهي وڳي ۾ ڏسي سمجهيو تہ هيءُ شايد هن ملڪ جو بادشاهہ آهي، تنهنڪري تمام ادب سان سلام ڪري جواب ڏنائين تہ: سائين! هي غوراب چين ولايت جي راڻيءَ جو آهي، ۽ هن ۾ جيڪو مال چڙهيل آهي، سو اسان جي راڻيءَ جي حڪم سان ساعت جي بادشاهہ جي ملڪ ڏانهن وڪري لاءِ وڃي ٿو. هن ڇوڪري ايترو ٻڌي، يڪدم ٻڌل ڏاڙهون ڪڍي ڪٽي ڪپتان کي ڏنو، ۽ چيائينس تہ: چڱو، منهنجا سلام ۽ هيءُ ڏاڙهون منهنجي پاران ساعت جي بادشاهہ کي سوکڙي ڪري ڏج. پوءِ ڪپتان کان غوراب جي موٽي اچڻ جو پڇيائين. هن ٻڌايس تہ: هي غوراب پندرهين ڏينهن موٽي هتي ايندو. ائين پڇي ڳاڇي پڪ ڪري، ڇوڪرو

پنهنجي گهوڙي تي سوار تي اڪ چنپ اچي شهر ۾ پهتو، ۽ ڪپڙا ڌوبيءَ کي، گهوڙو سئيس کي موٽائي ڏنائين. پاڻ وري دستور موجب ڪانيرَ ڪرڻ جي پورهئي کي لڳي ويو.

ڪپتان غوراب هاڪاري ساعت جي بادشاهه جي ملڪ ۾آيو، ۽ راڻيءَ جي حڪم موجب مال نيڪال ڪرڻ لڳو. تورن ئي ڏينهن ۾ مال کپي ويو، ان بعد ڪپتان، ڪانير چوڪري کان مليل ڏاڙهون ڪٽي بادشاهه وٽ حاضر ٿيو ۽ سڄي حقيقت بيان ڪري اهو ڏاڙهون ڪيس پيش ڪيائين. بادشاهه دل ۾ خيال ڪيو ته ههڙا ڏاڙهون ته منهنجي باغ ۾ به آهن، پر ڪنهن بادشاهه جو هيءُ ڏاڙهون سوکڙي ڪري موڪليو آهي، تنهن ۾ ضرور ڪو نه ڪو راز رکيل هوندو! خير، ڏاڙهونءَ کي وڍيائين ته ان مان داڻن جي بدران هيرا نڪري پيا. بادشاهه حيرانيءَ ۾ پئجي ويو ته ڏاڙهونءَ ۾ موتي ڪيئن پيا. آخر خيال ڪيائين ته هن جو موڪليندڙ ته ڏاڍو قابل ٿو ڏسجي، تنهنڪري چو نه اهڙي بادشاهه سان دوستي رکجي، ۽ سندس شان مطابق ڪيس به ڪا سوغات موڪلي ڏجي. سو چا ڪيائين جو هڪ عمدو سونو ڏاڪون گهرائي، ان ۾ عمدا عمدا هيرا موتي وجهي، چڱيءَ طرح سان بند

ڪري، ڪپتان کي ڏنائين ۽ ڪيس سمجهايائين تہ هيءَ سوڪڙي انهيءَ بادشاهہ کي پهچائج جنهن ڏاڙهون موڪليو آهي. ڪپتان اهو ڏاڪون ڪٺي، جهاز ۾ ٻيو مال ڀري روانو ٿيو ۽ پوري پندرهين ڏينهن اچي ساڳئي هنڌ تي لنگر هنيائين.

دستور موجب ڪانير ڇوڪرو، جهنگ مان ڪانيون ڪري، ٻہ ڀريون ڌوٻي ۽ سئيس کي ڏيندو رهيو ۽ هڪ ڀري وڪڻي پنهنجو گذر ڪندو رهيو. پوري پندرهين ڏينهن وري ٻہ ڌوٻيءَ ۽ سئيس وٽ ويو، ۽ کين چيائين تہ: دوستو! اڄ وري ٻہ ڪا مهرباني ڪريو تہ سمنڊ جو سير ڪري اچان. هنن يڪدم بادشاهي وڳو ۽ گهوڙو ڏنس، جي وٺي تيار ٿي سمنڊ ڏانهن روانو ٿيو.

ڪانير سمنڊ جي ڪناري تي غوراب بيٺل ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ اچي ڪپتان سان مليو، جو هن جي انتظار ۾ هو. هن ادب سان سلام ڪري ساعت جي بادشاهہ جو ڏنل ڏاڪون ڪٺي ڪانير کي پيش ڪيو. تنهن تي پاڻ وري ڪپتان کي چيائين تہ: اهو ڏاڪون منهنجي پاران چين جي راڻيءَ وٽ سوڪڙيءَ طور پهچائج. ائين چئي وري گهوڙي تي سوار ٿي پنهنجي شهر ۾ موٽي آيو ۽ دستور موجب ڪپڙا ۽ گهوڙو

ڏيئي، وجي پنهنجي ڪم کي لڳو. ڪپتان اتان غوراب وٺي جڏهن چين ۾ پهتو، تڏهن ڪانير ڪان مليل سوڪڙي وجي راڻيءَ جي اڳيان رکيائين. راڻي ڏسي حيران ٿي ويئي ته هيءُ ڪو وڏو بادشاھ ٿو ڏسجي، جنهن هيڏي ساري ملڪيت سوڪڙيءَ ۾ موڪلي آهي. سو دل ۾ آيس ته هن جو ٿورو ته ضرور لاهڻو پيو. آخرڪار ڪپتان کي چيائين ته: هاڻي جڏهن موٽي انهيءَ ملڪ ڏانهن وڃين، تڏهن منهنجو هڪڙو غوراب به پنهنجي غوراب سان گڏ وٺي وڃج ۽ اهو منهنجي پاران سوڪڙيءَ طور انهيءَ بادشاھ کي ڏج.

ڪپتان يڪدم غوراب مال سان پرائي، راڻيءَ ڪان مليل ٻيو غوراب به ڪاهي اتي هليو. پوري پندرهين ڏينهن وري ساڳئي هنڌ اچي سهڙيو، ۽ بادشاھ جو انتظار ڪرڻ لڳو.

ڪانير ته اڳي ئي ڏينهن پئي ڳڻيا، سو ان ڏينهن تي وري به دوستن ڪان ورتل ڪپڙا پڪي، گهوڙي تي سوار ٿي، اچي سمنڊ جي ڪناري تي پهتو ۽ ڪپتان سان مليو، راڻيءَ ڪان مليل غوراب هٿ ڪيائين. پوءِ اهو غوراب وري به ڪپتان کي ڏيئي چيائين ته: هيءُ سوڪڙي ور به منهنجي پاران ساعت جي بادشاھ کي ڏج. ائين چئي موٽي آيو.

بئي ڏينهن ڪپتان، جهاز هاڪاريا ۽ ٿورن ڏينهن جي مسافريءَ کانپوءِ اچي ساٰعت جي بادشاهه وٽ پهتو، ۽ ڪانير ڪان مليل غوراب بادشاهِ جي خدمت ۾ پيش ڪيائين. بادشاهه دل ۾ چيو ته، ٻيلي هن بادشاهه ته يارن تي بار چاڙهي ڇڏيا، هاڻي ڪيئن هن جو ٿورو لاهجي! سو چا ڪيائين جو پنهنجي بادشاهيءَ مان هڪ سؤ تمام سهڻا ڇوڪرا گهرائي، انهن کي عمديون پوشاڪون پهرائي، ڪپتان جي حوالي ڪيائين ۽ چيائينس ته: هاڻي انهيءَ بادشاهه کي منهنجي پاران هيءَ سوکڙي وڃي ڏي. ڪپتان وري به پنهنجو غوراب مال سان ڀرائي، سهڻا ڇوڪرا ساڻ ڪري خير سان روانو ٿيو، ۽ پندرهين ڏينهن اچي ڪانير جي ملڪ ۾ پهتو. هيءُ جوان به تيار ٿي، اڳي کان سهڻي پوشاڪ پهري، ٻلي گهوڙي تي چڙهي اچي پهتو. ڪپتان، ساعت جي بادشاهه جا سلام ۽ ڇوڪرا کيس پيش ڪيا. اهو تحفو ڏسي هن غريب دل ۾ خيال ڪيو ته نڪا اتم رهڻ جي جاءِ ۽ نڪي اتم ايترو ناڻو، جو ويهي ڇوڪرن کي ڪارايان. آءٌ پاڻ منهنجي پيٽ گذر لاءِ حيران آهيان، تنهنڪري چو نه هنن کي وري به ڪنهن پاسي موڪلي ڇڏجي. سو اهي ڇوڪرا، چين جي راڻيءَ ڏانهن تحفو ڪري ڏيڻ لاءِ ڪپتان جي

حوالي ڪري، پاڻ شهر ۾ موٽي آيو. ٻئي ڏينهن ڪپتان جهاز هاڪاري، چين ڏانهن روانو ٿيو، ۽ مليل سوڪڙي ۽ سؤ سهڻا ڇوڪرا، راڻيءَ جي خذمت ۾ وڃي حاضر ڪيائين.

اهو تحفو وٺي راڻيءَ خيال ڪيو ته جنهن بادشاهه ههڙا سهڻا ڇوڪرا سوڪڙي ڪري موڪليا آهن، سو ضرور ڪو زبردست بادشاهه هوندو، ڇو نه انهيءَ سان ڪٿي شادي ڪريان. اهو خيال ڪري ڪپتان کي ٻيو انداز انعام ڏيئي چيائين ته: ڪنهن به طرح انهيءَ بادشاهه کي مون سان شادي ڪرڻ تي راضي ڪر. ڪپتان ويچارو حڪم جو ٻڌو، سو يڪدم روانو ٿيو، پندرهين ڏينهن اچي انهيءَ هنڌ پهتو، جتي ڪانئر ساڻس ملاقات ڪندو هو. اتفاق سان ڪانئر به غوراب موٽڻ جي انتظار ۾ هڪيو بيٺو هو، تنهن سان سوداگر سموري حقيقت ڪري، ڪيس چين جي راڻيءَ سان شاديءَ جو پيغام ڏنو. ڪانئر اها ڳالهه ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو، ۽ نڪا ڪيائين هم نه تم، انهيءَ مهل ئي جهاز تي سوار ٿي، چين ڏانهن روانو ٿيو. ٿورن ئي ڏينهن ۾ اچي اتي پهتو. راڻيءَ کي اطلاع مليو ته بادشاهه بندوبست ڪري پنهنجي پيءُ کي نياپو موڪليو ته، مون پنهنجو وَرُ ڳولي هٿ ڪيو آهي،

هاٿي توهين اچي پنهنجي هٿن سان سَرهي ڪريو. بادشاهه غمِيب، ڪانير ڪي گهرائي ڏنو، جو ڪيس تمام وڻيو. هڪدم شاديءَ جي تياري ٿي، دهل ڏمر وڄڻ لڳا، ٻئي ڏينهن ڏاڍي ڌوم ڌام سان هنن جي شادي ٿي. هي ٻئي ڄڻا هڪٻئي سان ڏاڍي قرب محبت ۾ خوش گذارڻ لڳا.

ڏينهن گذرندي ويرم ئي ڪا نہ لڳي، ڪن مهينن کان پوءِ هڪڙي ڏينهن هن کي پنهنجي يارن جو خيال آيو. ويچار ڪيائين تہ غريب ڌوٻيءَ کان بادشاهي وڳو ڪنيم ۽ سئيس کان گهوڙو ورتم، خبر نہ آهي تہ انهن جو ڪهڙو حال ٿيو.... جيئرا بہ آهن يا بادشاهه مارائي ڇڏين! انهن جي خبر ضرور لهڻ گهرجي. تنهن کان سواءِ پوڙهي ماءُ جو بہ الائجي ڪهڙو حال هوندو! پوءِ راڻيءَ کان شڪار جو بهانو ڪري، موڪلائي پنهنجي ملڪ روانو ٿيو. پندرهن ڏينهن جي مسافري کان پوءِ اچي شهر ۾ پهتو. پنهنجي دوست ڌوٻيءَ ۽ سئيس کي جيئرو جاڳندو ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو. وري پنهنجي ٻڍڙيءَ ماءُ وٽ آيو، جا ويچاري ٻڪون ڪاٽي، پرائو پورهيو ڪري پيٽ پارينديِ هئي. ماءُ جي حالت تان ڏاڍو ارمان ٿيس، پر پوءِ جيڪو ناٽو چين ولايت

مان آندو هئائين، تنهن مان هڪڙو محلات نهرائي ان ۾ ماءُ کي رهايائين ۽ ڪيس ٻانهيون رکي ڏنائين.

پوءِ ويهي ويچار ڪيائين تہ سياڻي جيڪڏهن چين جي راڻيءَ کي منهنجي اصل حال جي خبر پئي تہ پَٽ ڪار هلي ويندي؛ تنهنڪري اهڙي ڪا اٽڪل ڪجي جو هتي جي بادشاهي بہ هٿ ڪجي. سو هڪڙيءَ رات ٻُت کي ميٺ مکي، ڏوڙ مان ليٽني پيتني، ڀوت وانگر تي ڪنهن نموني وڃي بادشاهہ جي محلات ۾ پهتو. بادشاهہ کي ننڊ ۾ ڏسي سندس ڇاتيءَ تي چڙهي وينو. بادشاهہ ڇرڪ ڀري جاڳي پيو، جان ڪٽي ڏسي تہ هڪڙي ڀوائتي آفتِ مٿان ويني آهي. بادشاهہ ڊپ کان ڏڪڻ لڳو. آخر ڪانئس پڇيائين تہ: تون ڪير آهِين؟ ڪانير ڊپ جهڙي شڪل ڪري چيس تہ: آءٌ عزرائيل آهيان ۽ هينئر تنهنجو ساهہ ڪڍڻ آيو آهيان. بادشاهہ ويچارو ڏڪي ويو ۽ چيائينس تہ: ٻيلي! ائين نہ ڪر، ڪجهہ ڏينهن مهلت ڏي، جو ڪيترائي ڪم هن جهان ۾ ڪرڻا اٿم. ڪانير چيس تہ: مهلت ڪيئن ڏيان، جو اڄ تنهنجو وارو آهي، تنهنڪري مرڻ لاءِ تيار ٿي. بادشاهہ تمام گهڻيون نيزاريون ڪيون، تڏهن هن چيس تہ: هڪڙي شرط تي ڪجهہ ڏينهن مهلت ڏيندوسئين تہ، صبح جو سوير تون پنهنجي ڌيءُ جي شادي، فلاڻي

نالي واري ڪانير سان ڪري ڇڏيندي تہ واھ، نہ تہ خير نہ ھوندئي. بادشاھ اھا ڳالھ قبول ڪئي ۽ صبح جو اٿندي يڪدم شھزاديءَ جي شادي انھيءَ غريب ڪانير سان ڪري ڇڏيائين.

ڪانير ڪجھ ڏينھن اتي ترسي، ڪنھن بھاني سان بادشاھ ڪان موڪلائي، چين ملڪ ڏانھن روانو ٿيو.اتي پھچي راڻيءَ کي ٻڌايائين تہ: مون بہ بہ شادي ڪئي آھي، ھاڻي منھنجي مرضي آھي تہ توکي ساڻ وٺي پنھنجي ملڪ موٽي ھلان ۽ باقي حياتيءَ جا ڏينھن اتي گذاريون. راڻيءَ اھا ڳالھ قبول ڪئي ۽ سھي سنبري غوراب سامان سان پرائي ٻئي جڻا اچي پنھنجي ملڪ ۾ پھتا.

ٿورن ڏينھن کان پوءِ ڪانير کي ٻنھي بادشاھين جي واڳ ملي، بس پوءِ تہ ھن جو بخت وري پيو. ڪانير مان بدلجي وڏو بادشاھ بنجي پيو. قصو ڪوتاھ، اھو ڪانير پنھنجي بادشاھي انصاف ۽ امن سان ھلائڻ لڳو.

**

# پوڙهو گابار

ڳالهہ تا ڪن تہ هڪڙو ڪو ڇورو ڇنو غريب نينگر هوندو هو، جو پنهنجي پوڙهي ناني وٽ رهندو هو، ۽ شهر جا گابا وڇون چاري پيو پنهنجو ۽ پنهنجي نانيءَ جو ڏکيو سکيو گذر ڪندو هو. هن جا ڪپڙا هميشہ ليڙون ليڙون ۽ ميرا گپ جهڙا هوندا هئا؛ وارن ۾ مٽي مٽيءَ جا لِتا پيا هئس؛ تنهنڪري هرڪو هن کي ”پوڙهو گابار“ ڪري پيو چيڙائيندو هو. هڪڙي ڏينهن جيئن هو شهر جا گابا پهرايو، جهنگ ڏانهن ڪاهيو پئي ويو تہ واٽ تي هن کي هڪڙي جهور پوڙهي مائي مليس، جنهن کي هن اڳي اُن جوءِ ۾ ڪڏهن ڪو نہ ڏٺو هو. پوڙهيءَ چيس، تہ اڙي ابا! مونکي اکين ڪان ديد پوي تي ڪا نہ، ڏس مليو اتم تہ هتي ڪو گرڙو گابار آهي، سو جي مون انڌيءَ کي ڪا لنڙي وڍي، تيڪڙيءَ لاءِ هٿ ۾ ڏيندو تہ منهنجون اکيون تي پونديون! تو ڪو اهو گرڙو گابار ڪٿي ڏٺو؟ گرڙي گابار، جو پوڙهيءَ جي هيءَ ڳالهہ ٻڌي، سو مانڙي ڪر گابن کي هڪلڻ واري پنهنجي لٺ ڪٽي

هن کي هٿ ۾ ڏنائين تہ خدا جي اهڙي قدرت، جو اتي پوڙهيءَ کي بہ ڏؤرو پوڻ لڳو! ۽ هوءَ اهڙي تہ خوش ٿي، جو گرڙي گابار کي هٿ کان جهلي، چيائين تہ: مونکي منهنجي نانيءَ ٻڌايو هو، جا مون کان بہ پوڙهي هئي، تہ گرڙو گابار هن ملڪ جي شهزاديءَ سان شادي ڪندو، ۽ وڏو راڄ ڀاڳ ماڻيندو سو ڙي ابا! اهو گرڙو گابار نڌهن ... گرڙي گابار، جو پوڙهيءَ جي هيءَ ڳالهہ ٻڌي، سو مانڙي ڪري گابن کي هڪلڻ واري پنهنجي لٺ ڪٺي هن کي هٿ ۾ ڏنائين...تون آهين! چئي اها پوڙهي مائي پوءِ لنڙي ٿيڪيندي، پنهنجو منهن وني هلي ويئي. گرڙو گابار پوءِ گهڻيءَ دير تائين بيهي، هن ڏانهن پري پري تائين نهاريندي نهاريندي، آخر پني ورائي ڊوڙي وڃي... گرڙي گابار، جو پوڙهيءَ جي هيءَ ڳالهہ ٻڌي، سو مانڙي ڪري گابن کي هڪلڻ واري پنهنجي لٺ ڪٺي هن کي هٿ ۾ ڏنائين... پنهنجن گابن کي رسيو، ۽ پوڙهيءَ کان جيڪي ٻڌو هئاين، تنهن کي سڄو ڏينهن ۽ پوءِ هر هميشہ، اٿندي ويهندي دل ۾ ورجائيندو رهيو.

گرڙي گابار جا گابا بہ ڏسو تہ هاٺي ڪٺي بيهي هڪ هنڌ چرن نہ، جيئن پوءِ تئن سندن اڳتي منهن! آخر هلندي هلندي گرڙي گابار جا گابا اچي هڪڙي

صاف سني ۽ شيشي جهڙي اڇي شفاف پاڻيءَ جي تلاءَ تي بينا. پوءِ هن ڇا ڪيو، جو جيسين ڳابا پاڻي پي اڳتي وڌن، تيسين واهه مان وهنجي سهنجي ڦول تي، وري اچي ڳابن جي اڳيان بيهي رهيو. ڳابا وري اتي اڳتي هليا، ۽ هلندي هلندي ڪيس هڪڙي چانديءَ جي تلاءَ تي آڻي ڪڍيائون، ۽ پوءِ هن ان تلاءَ ۾ ٻه ڳهڙي ٽڙ ڪيو... اتي سندس منهن .هيڪاري ٻهڪڻ لڳو. وري اڳتي هلي ڳابن هن کي هڪڙي سوني تلاءَ تي آڻي بيهاريو. پوءِ هن ان ۾ ٻه ڳهڙي، ٽڙ ڪيو ته سندس سڀ وار سونا ٿي پيا! پوءِ ڇا ڪيائين جو ساڳيا پنهنجا اهي ليڙون تيل ۽ ڳپ جهڙا ميرا ڪپڙا ڍڪي، ڳابن کي هڪلي، گهر جي ٻاهران مٽيءَ ۾ پاتولي ڪوڙي اچي ويهي رهيو.

هوڏانهن ڳرڙي جي ناني، جا هن لاءِ سڄو ڏينهن در ۾ اکيون وجهيو ويٺي هئي، تنهن جو ڏنو ته هو اڃا نه آيو آهي، سا هن جي ڳولا ۾ نيٺ ٻاهر نڪتي ٻاهر نڪري ڏسي ته ڳرڙو ڳابار در تي مٽيءَ ۾ لِٽو وينو آهي، سو ڪيس ڏاڍا دڙڪا ڏنائين. چي: تون اتي وينو آهين، ۽ ڳابا ٻه مالڪن کي پهتا الاجي نه پهتا! اتي مٽيءَ ۾ ڇا وڃايو اٿئي، جو اندن وانگر وينو ان کي اجايو ڦولهارين! ڳرڙي ڪلي چيس: ناني، ڇا ڪريان

منهنجي اکين سان الائي ڪهڙو ترڪٽ تي ويو آهي، جو پورو گهر سونهون بہ نتو تيان! هي بڏي ويچاري پوڙهي کان رڙ نڪري ويئي ۽ روئندي روئندي ڪيس هٽ کان جهلي گهر وٺي آئي.

جڏهن صبح ٿيو تہ نانيس ماٺهن جي گهرن مان گابا چوڙائي چارڻ لاءِ آٽي ڪيس ڏنا، ۽ هو گابن کي هڪلي انهن جي پنيان پنيان هليو ويو. هو ائين هر روز چپ چاپ گابا پيو چاريندو هو.

هڪڙي ڏينهن جيئن هو گابا وٺيو، شهر جي ڪنهن گهٽيءَ مان پئي لنگهيو، تہ هن کي شاهي محلات جي دريءَ کان هڪڙي چنڊ جهڙي حسين ...ي وينل ڏسڻ ۾ آئي، ۽ ڏسڻ سان هي شهزاديءَ ...ن تي پيو، ۽ دل ۾ خيال ڪيائين تہ ڪيئن بہ ڪري هن شهزاديءَ سان شادي ڪندس.

جڏهن ٻيو ڏينهن ٿيو، تڏهن گرڙي نانيءَ کي چيو تہ:ناني ڙي ناني! مونکي ڪالهہ ڏس مليو آهي تہ جي شهزاديءَ جي وارن جي ڦٽي اکين تي گهمائيندين، تہ تنهنجون اکيون اڳي کان اڳريون ٿي پونديون! تنهنڪري تون وڃ ۽ وڃي شهزاديءَ کان مونکي ڦٽي آڻي ڏي! نانيس چيس تہ: ابا! تون گرڙو غريب، تولاءِ شهزادي پنهنجي ڦٽي ڪيئن ڏيندي؟ پر لاچار هن جي

منٺن تي ويچاري پوڙهي اٽي شهزادي. ڏانهن رواني ٿي، ۽ ڏاڍيون وڃي هن کي آزيون نيزاريون ڪيائين. هن جي ايترين ميڙن منٺن تي شهزاديءَ لاچار پوڙهيءَ تي رحم آٽي، هڪ بيڪار ڦٽي ڏيڻ جو حڪم ڪيو، جا ٻانهيءَ آٽي ڪيس ڏني هن اها ڦٽي ڪٽي پنهنجي ڏوهٽي گرڙي کي ڏني، گرڙو پوءِ سڄو ڏينهن جهنگ ۾ اها ڦٽي ڏيندو رهيو، ۽ شام جو ان ڦٽيءَ ۾ پنهنجا ٻه سونا وار وجهي هڪڙي سٺي رومال ۾ ويڙهي، اچي نانيءَ کي ڏنائين ته: هاڻ هيءَ ڦٽي وڃي شهزاديءَ کي موٽائي ڏي! نانيس چيس ته: ابا! شهزادي اسان کان هيءَ ڦٽي موٽائي ڪيئن وٺندي؟ گرڙي چيس ته: ناني! تون ڪيس وڃي چئو ته اسان کي ڏس مليو آهي ته شهزادي ڦٽي واپس نه وٺندي، ته اڪيون چٽڻ ٻدران ٻنهه انڊيون تي پونديون. خيال ڪج، متان اها ڪنهن ٻئي کي ڏين: ڦٽي اصل شهزاديءَ جي هٿ ۾ ڏجئين!

آخر گرڙي جي نانيءَ ڦٽي ڪٽي، وڃي شهزاديءَ کي ڏني، جنهن چيس ته: آءٌ ڪا سڄي آهيان ڇا، جو اها ڪين جهڙي ڦٽي توکان واپس وٺان؟ پوءِ ڪراڙيءَ گرڙي واري سڄي ڳالهه ڪري ٻڌايس، تنهن تي لاچار شهزاديءَ ڦٽي ورتي، ۽ ائين ئي ڪاوڙ ۾ اندر هلي ويئي. پر اوچتو، ڪٽي جو ڦٽي ڏسي ته واهه ، هن ۾ ته

به سهڻا سونا وار پيا آهن! ۽ انهن کي ڏسي هوءَ ڏاڍي خوش ٿي.

ٻئي ڏينهن صبح جو ڪراڙي وري ڦٽي وٺڻ آئي ته شهزاديءَ خوشيءَ سان ڪيس هڪ نئين ڦٽي ڪٽي ڏني، انهيءَ ڏينهن گرڙي وري چار سونا وار وجهي موڪليس، ۽ اهڙيءَ طرح ٽئين ڏينهن وري اٺ وار وجهي ڦٽي شهزاديءَ ڏانهن موڪليائين. اتي شهزادي به سمجهي ويئي ته: هي گرڙو نه، پر ڪا ٻي شيءِ آهي! ۽ پوءِ شهزاديءَ کي پرپٺ هن جو نينهن لڳي ويو. ڏسو ته ڏهاڙي وڃي بدن ۾ لُهندي. پٽس سندس ڏاڍا علاج ڪرايا، مگر هيءُ مرض ئي ڪو ٻيو هو، آخر هڪڙي ڏينهن پيءُ کي چيائين ته: بابا سائين! آءٌ شادي ڪنديس، پر پنهنجو پتار پاڻ پسنديءَ تي ڪنديس. تنهن تي بادشاهه پنهنجي ڌيءُ جي مرضي مڃي، پڙهو گهمارايو ته: شهزادي سڀاڻي پنهنجو ور پاڻ چونڊيندي، تنهنڪري هرڪو لائق جوان تيار ٿي محلات جي سامهون اچي بيهي. بس پوءِ ته سڀ جوان مڃن کي تاءُ ڏيئي، ڏاڍي شوق سان محلات جي سامهون سينو تاڻي اچي بيٺا.

اتي گرڙي به نانيءَ کي چيو ته: ناني! اڄ آءٌ به اهو مزو ڏسڻ ويندس. نيٺ گرڙو به اتي آيو، ۽ تسين ڪان

پري هڪ گنڊ جي دڙي،تي اچي ويهي رهيو. شهزادي به دريءَ کان سيني کي ڏسي ۽ جانچي، پنهنجي ٻانهيءَ کي حڪم ڪيو ته : هيءُ هار ڪٽي، گنڊ تي ويٺل گرڙي ڳاٻار کي وجهي پاراءِ! ٻانهي ويلا حڪم جي ٻڌي، تنهن لاچار ائين ڪيو. جنهن تي سڀ حيران ٿي ويا ۽ سيني چيو ته: ٻانهي ڀلي آهي، ۽ شهزاديءَ کان ويهر پڇيو ويو. آخر ويهر ٻانهيءَ وجهي پڇيو ته ڪيس وري به حڪم مليو ته: وجهي گرڙي کي هار پاراءِ! ٻانهيءَ وري به وجهي گرڙي کي هار ڳچيءَ ۾ وڌو. اتي وري به هر ڪنهن چيو ته: ٻانهي ڀلي آهي. نيٺ جڏهن ٽيون ڀيرو به گرڙي جي ڳچيءَ ۾ اچي ٻانهيءَ هار وڌو، تڏهن سڀ ”ٿو ٿو“ ڪندا ٽڙي پکڙي ويا. وڏي ڳالهه ته بادشاهه کي به ڏاڍا خار لڳا.

بادشاهه ٻي ڪا واهه نه ڏسي، لاچار هنن جي شادي ڪرائي، پر حڪم ڪيائين ته: هنن کي نيئي گهوڙن جي ڪڙهه ۾ ڇڏيو، ته ڀلي اتي رهن. پوءِ گرڙو ۽ شهزادي لاچار اتي گهوڙن جي ڪڙهه ۾ رهڻ لڳا. شهزادي اتي ڏاڍي تنگ ٿي، ۽ نيٺ گرڙي کي چيائين ته: تون گرڙو ته نه آهين، آخر ڪيترا ڏينهن هتي هن ڪڙهه ۾ پيا ڪنا ٿينداسين! هاڻي پنهنجي اصلي صورت ۾ اچ ته حياتيءَ جا ڏينهن هلي ڪٿي سک

سانت جا گذاريون! پوءِ گرڙي شهزاديءَ جي چوڻ تي
وڻي جو اهو پنهنجو ليڙون ليڙون تيل ۽ گپ جهڙو
ميرو لباس لاتو، تہ هڪڙو سج جهڙو سهڻو شهزادو
ٿي پيو. شهزاديءَ هن کي سندس اصلي صورت ۾ جو
هيئن ڏٺو، سو نهال نهال ٿي ويئي. پوءِ بادشاهہ کي
اميرن وزيرن سميت گهرائي، پنهنجو سونن وارن
وارو سهڻو ور ڏيکاريائين. هو سڀ حيران ٿي ويا، ۽
جڏهن کين خبر پئي تہ هيءُ اهڙو ڀاڳ وارو ۽ سهڻو
شهزادو آهي تڏهن ڏاڍا خوش ٿيا. وري نئين سر سندن
ڌوم ڌام سان شادي ڪرائي، آٽي شاهي محلات ۾
کين وهاريائون.

گرڙي گابار جي پوڙهيءَ نانيءَ تہ تنهن ڏينهن
نچڻ سان هائيون ڪري ڇڏيون. آءٌ بہ ان ڏينهن اتي
هوس، ۽ جيڪي ٽڪن جا ٿالهہ گهوري سرگس ۾ پئي
اڇلايائون، تن مان هڪڙو ٽڪو مون بہ لڌو هو، جيڪو
آٽي هن گنجڙي "ڦتوءَ" کي ڏنم، پر اهو هن ڪپائي
ڇڏيو!

**

# ٻہ پينئرون

هڪڙي ملڪ ۾ ٻہ پينئرون رهنديون هيون، سندن مڙس مري ويا هئا، ٻنهي کي هڪ هڪ پُٽ هو. هنن پيٽن جي پاڻ ۾ گهڻي پريت هئي ۽ ڇوڪرن جي بہ پاڻ ۾ گهاٽي سنگت هئي. هڪ ڏينهن ٻنهي خيال ڪيو، اسين تہ پني، منگي گذارو پيون ڪنديونسين، پر پٽن کي ڪو هنر سيکارجي تہ چڱو. اهو خيال ڪري، ننڍيءَ پيڻ وڏيءَ کي چيو تہ: ادي! تون ڇوڪرن کي وٺي ڪنهن استاد وٽ ڇڏي اچ. پوءِ وڏي پيڻ ڪا سٺي ساعت ڏسي ٻنهي ڇوڪرن کي اجا اُجرا ڪپڙا پارائي پاڻ سان وٺي اُٿي هلي.

شهر ۾ وڃي ڏٺائين تہ هڪڙو ڪاريگر آهي جو ريشم جي لُنگي زمين تي پکيڙي، اُن جي مٿان ڪاني رکي، ڇوڏا بينو لاهي. مائي دل ۾ چيو تہ هي بيشڪ ڪاريگر آهي، پر آءٌ پنهنجن ڇوڪرن کي اجا بہ ڪنهن پلي ڪاريگر وٽ ڇڏينديس. اهو خيال ڪري، هوءَ ٻئي شهر ڏانهن هلي وئي. گهڻي گهمڻ کان پوءِ، آخر هڪڙي هنڌ هن ڏٺو تہ هڪڙو ڏکڻ واهولي سان ڪاني

جا چوڏا وينو لاهي. ڪئلي ڪوشش تي ڪري تہ انهيءَ ڪاني تي چڙهي، پر هوءَ ڪانيءَ جي لسائي ڪري چڙهي نٿي سگهي ۽ ترڪيو پوي. مائي خيال ڪيو تہ هن ڪان وڌيڪ پلو ۽ چاڙهو ڪاريگر پيو ڪو نہ ملندو! جڏهن واهولي سان بہ اهڙي لسائي رکي تو سگهي تہ بين اوزارن سان تہ الاجي ڇا ڪري سگهندو هوندو. هوءَ ڏڪڻ جي ويجهو آئي ۽ اچي عرض ڪيائينس تہ: پلائي ڪري منهنجن چوڪرن کي بہ هنر سيکاري اهڙو پڙ ڪر! ڏکڻ چيس تہ: آءٌ هنر انهيءَ شرط تي سيکاريندو آهيان، جو پهريائين هن ڪونيءَ ۾ شاگرد کي هڪ رات ٽڪائيندو آهيان. جيڪڏهن هو صبح جو صحيح سلامت نڪتو تہ کيس خوشيءَ سان شاگرد بنائي سڀ هنر ڏسيندس، پر جي مري ويو تہ پرتو پرن ڪي. مائي الله تي آسرو رکي اها ڳالهہ قبول ڪئي ۽ رات جو پهريائين پنهنجيءَ پيڻ جي پٽ کي ان ڪونيءَ ۾ ٽڪايائين.

اها ڪوني اهڙي بوني نهيل هئي جو سڄي برف وانگر نري پئي هوندي هئي. اندر ڪونيءَ ۾ رڳو ڪاٺ جي هڪڙي وڏي بُندي پئي هوندي هئي ۽ ٻيو مڙئي خير. ڇوڪرو جڏهن ڪونيءَ ۾ گهڙيو، تڏهن اچي سيءَ ورايس. هن ڪُنڊ ۾ لڪيو، هُن ۾ لڪي؛ پر

آرام ڪيئن اچيس! آخر دانهون ڪندي ڪندي دم ڏنائين. مائي صبح جو پنهنجي پاڙيجي کي دفن ڪرايو ۽ گهڻو ئي پڇتايائين ته ناحق بار مارايم. مائيءَ سمجهيو ته سندس پٽ سان به ساڳي ڪار ٿيندي، پر دل ۾ چيائين ته جي پيڻ جو پٽ مارائي ۽ پنهنجو پٽ منو ڪري سلامت وٺي گهر موٽائي ويندس ته پيڻ ڇا سمجهندي! اهو خيال ڪري ٻيءَ رات پنهنجي پُٽ کي به کوٺيءَ ۾ واڙي، پاڻ ڏنائين گهر ڏانهن پٽ. دل کي ڏڍ ڏنائين ته جي هتي رهي سندس خبر نه پڏنديس، ۽ اکئين نه ڏسنديس ته وري به سندس بچي پوڻ جو آسرو ته هوندم.

چوڪر کوٺيءَ ۾ پهچي ڏنو ته اندر رڳو هڪ بُندي پئي آهي. جڏهن ڏڪٽي اچي ورايس، تڏهن دل ۾ خيال آيس ته چو نه ان ڪانيءَ تي زور لڳايان، من ائين ڪرڻ سان بُت گرم ٿئي. اهو خيال ڪري انهيءَ بُنديءَ سان اچي زور لائڻ شروع ڪيائين.هيڏانهن اتلائي هوڏانهن اچلائيس؛ هتان ڪٽي هُتي سٽيس. ائين ڪندي ڪندي گهڻي مهل گذري ويس ۽ بُت به گرم ٿي ويس؛ تڏهن ٿوري ساهي پٽي، ٻري ائين ڪندي ڪندي اچي صبح ڪيائين. صبح جو ڪاريگر اچي کوٺي کولي ڏسي ته چوڪرو صحيح سلامت

وينو آهي. ڪاريگر هن کي چيو تہ: پٽ! تون هنر سيکارڻ جي لائق آهين. پوءِ اُن اسا... چوکري کي سڄو هنر سيکاريو ۽ هڪڙي سال ... پوءِ کيس پڙ ڪري واڊڪي ڪم جو سمورو سا... کيس ڏيئي، دعا ڪري گهر روانو ڪيائين ۽ چيا... تہ: بچا! هاڻي وڃي سکيو گذر ڪر. انهيءَ ... هيءُ هڪ ڳيرو جوان ٻڌجي چڪو هو. ... منزلون ماريندو، هڪڙيءَ برپٽ ۾ اچي ... ڏسي تہ هڪڙي مئل اٺ جا هڏا، واريءَ ۾ ميا... ي ڪري ڏوپي صاف تي، بلور وانگر پيا چم ... بسم الله ڪري اچي انهن کي چلڻ ۽ گهرڻ شروع ... خيال ڪيائين تہ هيترن ڏينهن کان پوءِ ڳوٺ ... وڃان سو گهر وارن لاءِ ڪا تہ سوکڙي ڪنيو وڃا... هيءُ انهن هڏن مان سڳداسي چانور ٺاهڻ لڳو ... هن پاءُ ڏيڍ چانور ٺاهي رهيو. تڏهن اهي رومال ... ٻڌي، هڙ ڪري وري اتي پنڌ پيو. آخر ... رات ... اچي ٻيءَ بادشاهيءَ ۾ سهڙيو. چوندا آهن تہ: مهلو مهمان پٺائي پاڻ کي، سو اتي جي سيني ما... کيس پاڻ وٽ ٽڪائڻ کان انڪار ڪيو. آخر هن ... ڏسي مليو تہ "جيڪڏهن ڪو هنر اچئي تو تہ هڏان جي شاهي مهمان خاني ڏانهن وڃ" جتي تنهنجي رهڻ جو

بندوبست ٿيندو. جڏهن اتي پهتو تہ معلوم ٿيس تہ سوين ڪاريگر هتي روزانو پياپنهنجو مٿو رڳڙين. بادشاهہ جي ڌيءُ جو شرط آهي تہ جنهن جو هنر هن کي پسند ايندو تنهن کي مهمان بہ بنائيندي ۽ ان سان شادي بہ ڪندي. شهزاديءَ جو اهو دستور ٿي ويو هو جو شام تائين جيڪي ڪاريگر اتي ايندا هئا، هوءَ انهن جو هنر ڏسندي هئي ۽ نہ پسند پوڻ جي صورت ۾ ڪين جيل ۾ هٽائي ڇڏيندي هئي. هن سمجهيو تہ ماڻهن رڳو سِرَ تان بلا ٽاري آهي. جي شهزاديءَ کي منهنجو هنر بہ پسند نہ پيو تہ پوءِ پنهنجي گهر وڃڻ کان بہ ڇٽس. پر رات بہ ضرور رهڻي هيس، سو الله تي توڪل رکي اچي شهزاديءَ جو مهمان ٿيو.

مهمان ڪاريگرن جو ڪاڏو خود شهزادي تيار ڪندي هئي. جڏهن هن کي ان نئين ڪاريگر مهمان جي اچڻ جو اطلاع ڏنو ويو، تڏهن چيائين تہ: ڪانئس پڇي اچو تہ ڪهڙو ڪاڏو کائيندو؟ ڍڪڻ چوائي موڪليس تہ: مون وٽ پنهنجا چانور آهن، جي پلائي ڪري رڳو اهي رڌجي ملن تہ بہ شڪر ڪندس. آخر شهزاديءَ جي اجازت سان ڪاريگر ڪان هٿ چانورن جي گهرائي ويئي ۽ پنهنجي سر رڌڻ لڳي. چانور رڌجڻ شروع ٿيا. پلا هي تہ اهي چانور هئا جن هن ڪاريگر،

اٺ جي هڏن سان بنايا هئا، سي ڪهڙيءَ طرح رجهن! شهزاديءَ ڳاڙي ڪائين جي ڪپائي، مگر چانور نہ ڳرڻا هئا سي نہ ڳريا. آخر ڪڪ تي، هڪڙو چانور ديڳڙيءَ مان ٻاهر ڪڍي، اُن کي ٻيجي ڏنائين، تہ معلوم ٿيس تہ اهي چانور نہ بلڪ اٺ جا هڏا هئا. هوءَ ڳالهہ سمجهي وئي ۽ هن جي هنر تي موهجي، انهيءَ غريب ڏکڻ کي پسند ڪري، ان سان شادي ڪرڻ قبول ڪيائين. ٻيا غريب ڪاريگر، جي جيل ۾ پيا هئا، تن جي بہ خدا جند آزاد ڪرائي ۽ سڀ هن ڏکڻ کي دعائون ڪندا هليا ويا.

هاڻي شهزادي ۽ ڪاريگر ٻئي مزي سان پنهنجي حياتي جا ڏهاڙا گذارڻ لڳا. اتي عيش عشرتن ۽ ڪل خوشيءَ ۾ هن جوان کي ماءُ ۽ ماسي بہ وسري ويئي، سڀ ڏندو چڏي ٻنهہ آرام سان گذارڻ لڳو. ايتري قدر جو هن وري ڪو ٻيو هنر بہ ڏيکارڻ جي ضرورت محسوس ڪا نہ ڪئي، نہ ڪو ٻيو هن ظاهر ڪيائين. شهزادي گهڻو ئي چوندي هيس تہ پنهنجو ڪو هنر ڏيکار، پر هو ٻڌي اهڙو جهڙي پٿر.

هڪ ڏينهن جي ڳالهہ آهي تہ ڪا تصوير وڪري لاءِ آئي جنهن جي هاڪ ملڪان ملڪ پکڙيل هئي. شهزادي پنهنجي ٻانهيءَ کي موڪليو تہ اها تصوير ڪنهن بہ قيمت تي ضرور خريد ڪري اچ. ان شهر ۾

هڪڙو مشهور ۽ تمام شاهوڪار سونارو به رهندو هو. انهيءَ ان تصوير خريد ڪرڻ لاءِ پورو زور لڳايو، پر شهزاديءَ جي نوڪرياڻي سڀ ڪان وڌيڪ واڪ ڏئي، اها تصوير خريد ڪر ورتي. اهو ڏسي سونارو سڙي ڪامي ويو ۽ بادشاه کي وڃي دانهن ڏنائين ته: حضور جن جو ناني، جو هنر ۾ پنهنجو مٽ ڪنهن کي نٿو سمجهي، ان منهنجي بيعزتي ڪئي آهي. مون ڪان اها ڳالهه برداشت ڪا نه ٿي ٿئي، تنهن خيال ڪيو اٿم ته آءٌ هنر جو ساڻس مقابلو ڪريان. ان کي منهنجي سامهون ڪريو، جيڪڏهن هو مون ڪان ڪٽي ويو ته منهنجي سڄي ملڪيت سندس کي آئي ۽ جي آءٌ ڪٽي ويس ته سندس سڄي ملڪيت ڪٽندس ۽ کيس هن ملڪ ۾ رهڻ جو حق نه رهندو. بادشاه پهريائين ته هن سوناري جي اهڙي بيپرواهيءَ واري گفتگو ٻڌي ڪاوڙيو، پر وري ڪا ڳالهه ڳٽي خاموش ٿي ويو ۽ هن کي جواب ڏنائين ته: بلاشڪ تنهنجي هوڏ پوري ڪبي. ايندڙ جمعي جي ڏينهن تي مقابلو ٿيندو.

سوناري کي اجازت ڏيئي، بادشاه پنهنجي نانيءَ کي گهرايو ۽ سمورو قصو ٻڌائي چيائينس ته: اباڻ هتان جي فلاڻي سوناري توکي مقابلي لاءِ للڪاريو آهي. مون اهو قبول ڪري انهيءَ مقابلي لاءِ جمعي جو

ڏينهن مقرر ڪري ڇڏيو آهي. جي هنر جي مقابلي ۾ تون ڪٿي وين ته سوناري جو گهر توکي هٿ ايندو، پر جي تو هارايو ته پوءِ پاڻ ڪان هيءَ بادشاهي ڪسجي ويندي! هاڻي منهنجي لڄ پت ۽ عاقبت سموري تنهنجي هٿ وس آهي، جيئن سمجهين تيئن ڪر. اها حقيقت ٻڌي هي جوان ٻڌتر ۾ پئجي ويو. نيٺ همت ڪري، بادشاهه جو سندس سهرو هو تنهنکي وراڻيائين ته: خدا مڙيئي چڱي ڪندو، انهيءَ سوناري جو هٿ پڇي پوندو ۽ اسان جي عزت ۽ اها بادشاهي به مالڪ هٿان ڪو نه وڃائيندو. ائين چئي بادشاهه ڪان موڪلائي هو موٽي گهر آيو. انهيءَ فڪر ۾ لڳو رهيو، تان جو خميس جو ڏينهن به اچي پهتو، تڏهن ڪاريگر هڪ نوڪرياڻيءَ کي سڏي، آهستگي سان چوڻ لڳو ته: ڪنهن نموني وڃي اهو ڏسي اچ ته سوناري ڇا ٺاهيو آهي؟ نوڪرياڻي جا پڻ انهيءَ فڪر ۾ هئي سا هڪدم خبر لهي آئي ۽ اچي ڪيس ٻڌايائين ته: سوناري ته ڪم ڪري ڇڏيا آهن! هن سون جو هڪڙو نقشو ٺاهيو آهي، جنهن ۾ پاڻي ڏسجڻ ۾ اچي ٿو. ان ۾ جڏهن هو مڇيون وجهي ٿو ته اهي ان پاڻي ۾ هلڻ لڳن ٿيون، ائين پيو ڏسجڻ ۾ اچي جڻڪ

سچي پچي پاڻي ۾ مڇيون تري رهيون آهن! اهو ٻڌي ڪاريگر ڪٿي مات ڪئي.

آخر جمعي جو ڏينهن به اچي ويو، سونارو پنهنجي هنر جي نموني کي هڪڙي ميدان ۾ ڪٺي آيو، جتي هزارين ماڻهو اچي گڏ ٿيا هئا. هاڻي جڏهن سوناري پنهنجي هنر جو مظاهرو ڪيو ته چوڌاري واهه واهه پئجي ويئي. نقشي واري پاڻي ۾ مڇيون هيڏانهن هوڏانهن ڊوڙڻ لڳيون. هيڏانهن هيءُ جوان ڪارگر به ٻي ماڻهن سان گڏ چوڻ لڳو ته: ادا، ڪمال ڪري ڇڏيو! آخر ماڻهو جڏهن ڏانهس ڏسڻ لڳا. تڏهن هن چيو ته ادا، آءٌ ڪو وڏو ڪاريگر ڪو نه آهيان، پر جيئن ته توهان جي مرضي آهي تنهنڪري پنهنجو هڪ معمولي هنر ڏيکاريان ٿو. ائين چئي هن اڻ گهڙيل ڪاٺ مان نهيل هڪ ٻگهو ڪڍيو ۽ اهو ماڻهن کي ڏيکارڻ لڳو. ان کي ڏسي سڀ ماڻهو متبس ڪلڻ لڳا. پوءِ هن اهو ٻگهو ڪٺي سڌو سوناري جي نقشي تي ڇڏيو، جتي اهو ليٽي پيٽي اصلي ٻگهو ٿي پيو ۽ ماڻهن جي ڏسندي ڏسند اهو سوناري جي نقشي ۾ ترندڙ سيئي مڇيون کائي ۽ سمورو پاڻي پي پوءِ وري ساڳيو ڪاٺ جو ٻجڙو ٻگهو بنجي بيهي رهيو. ڪاريگر جو اهو هنر ڏسي چوڌاري واهه واهه جي ڌم مچي وئي.

سونارو جيئن تہ شرط هارائي وينو هو، تنهنڪري ڏاڍو شرمندو ٿيو. پر ڪاريگر کيس معاف ڪري ڇڏيو ۽ گهر ٻار بہ کيس واپس موٽائي ڏنائين. اهو ڏسي سوناري، ڪاريگر جا تمام ٿورا مڃيا ۽ آئينده لاءِ هن جو زر خريد غلام بڻجي ويو.

انهيءَ مقابلي ڪري ڪاريگر جي وڏي هاڪ ٿي ويئي، ۽ ماڻهن تي بہ اثر ويهي رهيو تہ هيءُ تمام وڏو ڪاريگر آهي. بس پوءِ تہ هيءُ بہِ سست ٿي ويو ۽ سڄو سڄو ڏينهن پنهنجي محلات کان ٻاهر ئي نہ نڪرندو هو. سندس زال هميشہ ٻيني چوندي هئي تہ: سائين! ڪجهہ ڪم ڪريو. ڪيستائين وينا ٻابي جي ملڪيت تي گذر ڪنداسين! ڪجهہ پنهنجو پورهيوبہ ڪريو. پر ڪاريگر جو جواب هميشہ هي هوندو هو تہ: مون توکي اڳ ۾ بہ ٻڌايو آهي تہ مون کان ڪا بہ محنت نہ پڄندي، آءٌ ڪجهہ بہ نہ ڄاڻان، مون کي آرام ڪرڻ ڏي، پر سندس زال اهو ڪيئن مڃي! ڇو تہ هوءَ سندس هنرمنديءَ کان هاڻي خوب واقف ٿي چڪي هئي. تنهن هوندي بہ هوءَ کيس گهڻو تنگ نہ ڪندي هئي تہ متان ڪاوڙجي نہ وڃي. هڪ ڏينهن شهزاديءَ وري اچي پنهنجي مڙس کي چيو تہ: مٿان اچي سال پورو ٿيو آهي، پر تون ڪٿ کي ڇڏڻ ڏوهہ تو سمجهين. ڪاڏي

خرار به کٽي ويندا آهن، آخر ڪيستائين ائين ڪندو رهندين؟ مون کيَ ته هاڻي بابي کان وڌيڪ ڪجهه گهرنديٖ به لڄ ٿي اچي، آخر هو دل ۾ چا سمجهندو ته منهنجو ناني کو صفا نڪمو ۽ بيڪار آهي، جو پنهنجي زال کي به نٿو پاري سگهي، اتي ڪجهه همت ڪر. ڪاريگر جڏهن تمام تنگ ٿيو ۽ سمجهيائين ته اڄ شهزادي سندس پچر اصل کو نه ڇڏيندي، تڏهن شهزادي کي چيائين ته چڱو هاڻي مڙيئي تنهنجو چوڻ نبو. جڏهن رات ٿي ۽ شهزادي وڃي پنهنجي بستري تي آرامي ٿي، تڏهن ڪاريگر ويهي هڪ آڌي ابتي پَٽ اوبٽي“ ناهي ۽ صبح جو اها پنهنجي زال جي حوالي ڪيائين ۽ ڪيس ان جو ڪم به سمجهايائين. شهزادي اها پَٽ اوبٽي پنهنجي ٻانهيءَ کي ڏني ۽ چيائينس ته: هن کي وڃي چاليهه هزار رپين ۾ وڪٽي اچ، گهٽ قيمت تي اصل نه وڪڻجانءِ ۽ ڪيس ان جو ڪم به سمجهائي ڇڏيائين. اهڙيءَ طرح اها پٽ اوبٽي وڃي بازار ۾ پهتي. ڪاريگر جي هنر کان ته اڳ ۾ ئي سڀ ماڻهو چڱيءَ طرح واقف هئا، تنهنڪري اها پَٽ اوبٽي جي هڪ تمام وڏي سوداگر جهٽ پٽ خريد ڪري ورتي. ٻانهي ڪيس سمجهايو ته: هيءَ پَٽ بٽي رات جو منجهيل پٽ ۾ وجهي ڇڏبي ته ٻئي ڏينهن

صبح جو سمورو پٽ سلجهيو رکيو هوندو. سوداگر ويهہ هزار رپيا تہ ٻانهيءَ کي بروقت ڏنا. باقي پئسا آزمودي ڪرڻ کان پوءِ موڪلي ڏيڻ جو انجام ڪيو. ٻئي ڏينهن صبح جو سوداگر جڏهن پنهنجو سمورو پَٽُ سلجهيل ڏٺو، تڏهن ويهہ هزار رپيا رهيل ۽ ويهہ هزار رپيا ان هنر تي انعام طور، جملي چاليهہ هزار رپيا، سڄ ايرئي کان بہ اڳ موڪلي ڏنائين.

هاڻي وري بہ هي دوست گڏي ۾ پير وجهي سمهي رهيو ۽ اهڙيءَ طرح بہ سال ٻيا بہ گذاري ڇڏيائين. جڏهن سندس ڪمايل سمورا پئسا پورا تي ويا، تڏهن شهزادي وري اچي چوڻ لڳس تہ: پورا بہ سال گذري ويا آهن، تو وري ڪو هنر نہ ڏيکاريو آهي. هاڻي تہ سموري دولت بہ ختم تي چڪي آهي. گهر ۾ سيڪي ڪيپي تو: پر جي اوهان جي اها مرضي هجي تہ وري بہ وجي ٻابي اڳيان جهولي جهليان. هيءَ بہ جوان هو خوش طبع سو چوڻ لڳس تہ مون ڪم ڪرڻ جو ڪو نيڪو نہ ڪو نہ ڪنيو هو، مون چيو آهي تہ آءٌ ڪجهہ ڪو نہ ڄاڻان، منهنجي جند ڪٽي ڇڏ. اهو ٻڌي شهزادي روئڻ لڳي. جڏهن ڪاريگر اها حالت، ڏٺي تڏهن چيائينس: چڱو چڱو، روءُ نہ. آءٌ ڪجهہ ڪم ڪريان ٿو، پر هڪ ڳالهہ آهي جو ڪنهن ٻانهي کي چئو تہ ڪهاڙو

ڪٽي جهنگل ڏانهن وڃي ۽ ڪٺ جي پاون لاءِ ڪا ڪاني ڳولي وڏي اچي: پر ڪاني اها ڪپي اچي، جيڪا ڪيس سلام جو جواب ڏئي! شهزادي يڪدم اهڙي طرح هڪ ٻانهي کي حڪم ڏنو، جو ڪهاڙو ڪلهي تي ڪنيو ۽ دل ۾ هي ويچاريندو جهنگل ڏانهن روانو تي ويو ته، ڪانيون ڪيئن سلام جو جواب ڏينديون! ڪڏهن اڳي به ائين ٿيو آهي جو هاٿي ٿيندو. ضرور ڪاريگر جو مٿو ڦري ويو آهي: پر ويچارو غلام حڪم جو ٻڌو، سو لاچار سيني وڻن کي سلام ڪندو، شام تائين جهنگل ۾ رلندو رهيو، پر هن کي اهڙو هڪ به وڻ ڪو نه مليو، جنهن سندس سلام جو جواب ورايو هجي. نيٺ جڏهن سج لٿي وقت ٿڪجي ٽٽي گهر تي موٽيو، تڏهن شهر جي ٻاهران هڪ جهونو ٻير جو وڻ نظر آيس. پڳيءَ دل سان ان وڻ جي هينان اچي ڪيس چيائين ته: السلام عليڪم ٻير جي هڪ لڙهي جواب ڏنس: وعليڪم السلام. هيءُ عبرت ۾ پئجي ويو ۽ دل ۾ خوش به ٿيو ته آخر محنت صاب پئي. هن بسم الله ڪري اهو ڏار ڪپي اچي ڪاريگر جي حوالي ڪيو.

سڙتئي ڏکڻ انهيءَ ڪانيءَ مان انهيءَ رات جو ويهي نهايت عاليشان قسم جي هڪ ڪٺ تيار ڪئي ۽

صبح جو ان کي ٻانهيون چوڙون وجهي، واٽي تيار ڪري اچي شهزاديءَ کي ڏنائين ۽ چيائينس ته: اچي، متو ئي ڪاٿي وئي هئينءَ. هاڻي هن ڪٺ کي وڪڻڻ جو بندوبست ڪر. هن جو ملهه ٻه لک رپيا آهي، هتي بادشاهه سلامت کان سواءِ ٻئي ڪنهن به شخص کي هيءَ ڪٺ خريد ڪرڻ جي همت نه آهي، تنهنڪري اها بادشاهه سلامت ڏانهن ڏياري موڪل ۽ ٻه لک رپيا گهرائي وٺينس، هاڻي مونکي وري تنگ نه ڪجئين. شهزادي اها ڪٺ ڏسي ڏاڍي خوش ٿي ۽ پنهنجي ٻانهيءَ هٿان اها ڪٺ بادشاهه سلامت کي ڏياري موڪليائين ۽ ٻانهيءَ کي چيئين ته، بادشاهه سلامت کي چئج ته هن ڪٺ جي قيمت ٻه لک رپيا آهي. بادشاهه سلامت اها ڪٺ ڏسي دل ۾ چيو ته هن ڪٺ ۾ ضرور ڪو راز رکيل هوندو، سو ٻانهيءَ کان ڪٺ وٺي پاڻ وٽ رکيائين ۽ شهزاديءَ کي ان جي قيمت جا ٻه لک رپيا اتي جو اتي ڏيارڻي موڪليائين.

جڏهن سنجهو ٿريو تڏهن بادشاهه ان ڪٺ تي هنڌ وڇارائي اچي ستو ۽ ويچارڻ لڳو ته، ڏسان ته سهي ته ڪٺ ۾ ڪجهه آهي به سهي يا شهزاديءَ ڏوڪي سان ؛ لک رپيا گهرائي ورتا آهن! بادشاهه اڃا جاڳندي اهو ٻئي سوچيو ته ڪٺ جي هڪڙي پائي ڳالهائڻ شروع

ڪيو ۽ پنهنجي سنگتين کي چيائين ته: ادا! جيڪڏهن اوهان منهنجو بار جهلي بيهو ته مان وڃي هن بادشاهه جوملڪ گهمي اچان! ٻين پاون ورندي ڏنيس ته: ادا! هليو وڃ. اهو ٻڌي بادشاهه کي پڪ ٿي وئي ته ڪٿ ۾ ضرور ڪو اسرار سمايل آهي، سو پنهنجي ننڊ ڦٽائي، اهو تماشو ڏسڻ لاءِ چُپ ڪري سمهي پيو. پهر ڪن گذريو ته اهو پائو موٽي آيو ۽ اچي پنهنجي جاءِ تي بيهي رهيو. سنگتين پڇيس ته: ڪر خبر، ڇا ڏٺئي وائنئي؟ هن ٻڌايو ته: آءٌ شهر جي هڪڙيءَ ڪنڊ ۾ پهتس ته ڏسان ته هڪڙو سونارو هتان جي فلاڻي وزير جي ڌيءُ جا ٻه وينو ناهي. زال زور پئي رکيس ته، اچي سمهه، پر هو چئي ته ٻه ناهي پوءِ سمهندس. نيٺ زال جي گهٽي جهيڙي جهٽي ڪرڻ ڪري هو وڃي ستو. اڃا اک ئي ڪا نه لڳس ته سوناري جي زال، پنهنجي بستري تان آهستي آهستي اٿي گهر کان ٻاهر نڪرڻ لڳي. آءٌ به ڪڍ ويوسانس. هوءَ شهر کان ٻاهر هڪڙي برهمڻ جي مڙهيءَ ۾ لنگهي ويئي. هن کي ڏسي برهمڻ ڪاوڙجي ويو. چي: ههڙي تهڙي، هيستائين ڪٿي هئينءَ؟ سوناري جي زال سڄي ڳالهه ڪري ٻڌايس، جنهن تي ان برهمڻ چيس ته: اهڙو مڙس جو توکي مون وٽ اچڻ ۾ دير وجهي تنهن جو سر

وَڏي آڻي ڏينم تہ واھ، نہ تہ تنھنجي منھنجي ياري
ڪي آھن ٿي پتر! اھو ٻڌي سوناري جي زال اتان اُٿي
پنھنجي گھر ڏانھن ھلي. آءٌ وري بہ ڪڏ لڳو ويمانس.
رَن ڇا ڪيو جو چاقو ڪڍي، سوناري جي سُتي ئي
ويچاري جي سنھڙي ڳچي ڪپي، سِرُ ڪٽي موٽيَ اچي
برھمڻ وٽ پھتي. اھو ڏسي برھمڻ چيس تہ: رَنَ
ڪميڻي! اج پنھنجي مڙس مان ڪين تري آھين، سُياڻ
منھنجي ڪھڙي پَت رکندين؟! ائين چئي رَن کي
پنھنجي گھر مان لوڏي ڪڍيائين. ادا! مون تہ اھو
ڪجھہ ڏٺو. اھو ٻڌي سيني پاوَن چيو تہ: ادا! ھاڻي آءٌ
تو وجان، بادشاھہ دل ۾ خيال ڪيو تہ: سچ ڪوڙ جي
خبر تہ سياڻي پوندي، باقي بنان پئسي ڳالھيون تہ
گھڻيون ئي پيو ٻڌندس. پھر ڪن مَس گذريو تہ ٻيو
پائو بہ موٽي آيو ۽ اچي پنھنجي دوستن کي احوال
ڏيڻ لڳو: ادا! مون کي ٻيو تہ ڪجھہ نظر نہ آيو، باقي
شھر جي فلاڻي پاڙي ۾ ھڪڙي ويچاري مائي مري
وئي آھي. اھا مائي ڏاڍي نيڪ بخت زال ھئي. ٻين
پاوَن پڇيس تہ: توکي ڪيئن خبر پئي تہ اھا مائي ڏاڍي
نيڪ بخت زال ھئي؟ ان کان سواءِ تو اھو ڪيئن
سمجھيو تہ مرڻ وارو مرد آھي يا عورت؟ تنھن تي
ڪين جواب ڏنائين تہ: روئڻ وارن پئي رڳو: ڪِن پئي

چيو تہ منهنجي ادي، ڪِن پئي چيو تہ منهنجِي اَمڙ، ان
ڪان سواءِ پاڙي وارن پئي چيو تہ ويچاري ڏاڍي نيڪ
بخت هئي، ويچاري اجا ڏاج بہ ڪو نہ چوڙيو هو.
بادشاهہ اها ڳالهہ ٻڌي دل ۾ چيو تہ: هي پائو ڏاڍو ڪو
سياڻو آهي. ايتري ۾ ٿئين چيو تہ: ادا! هاڻي آءٌ تو سير
ڪرڻ وڃان. آخر هو بہ موتي آيو ۽ اچي ٻڌايائين تہ:
مون سَتن چورن کي ڏٺو، جي بادشاهہ سلامت جو
خزانو ڪنيو پئي ويا. مونکي بہ آئي ڪاوڙ، سو هوا ۾
جهوٽو ڪائي اچي گوڏا ڪٽڻ شروع ڪيامانِ، سيني
چورن جون ٽنگون ڀڃي آيو آهيان، دنيا جون پريون
اڳيان پيون اٿن ۽ پاڻ اتان چُرڻ هُرڻ ڪان لوهہ آهن.
بادشاهہ دل ۾ چيو: جي ائين سچ آهي تہ پوءِ هيءَ ڪٿ
ڏاڍي ڪمائتي آهي ۽ تمام سستي اگهہ ۾ پلئہ پئي
آهي. نيٺ اهڙيءَ طرح ڪٿ جو چوٿون پائو بہ پنهنجي
ٻن همراهن ڪان موڪلائي گهمڻ روانو ٿيو. گهمي
ڦري جڏهن موٽي آيو، تڏهن اچي پنهنجو حال احوال
ڏنائين تہ: ادا! آءٌ شهر ۾ پئي گهميس ڦريس تہ هڪ
هنڌ چا ڏسان تہ هڪڙو واسينگ نانگ پنهنجي ٻچن
کي وينو چئي تہ: جنهن بادشاهہ اوهان جي ماءُ کي
ماڙايوآهي، تنهن کي آءٌ سياٽي ڏنگي، اوهان جي ماءُ
جو وير وٺندس، اوهان ارمان نہ ڪريو. اها ڳالهہ ٻڌي

مونکي ڏاڍو ارمان ٿيو، ڇو تہ اهو بادشاهہ هي ساڳيو آهي جو اسان جي مٿان هينئر ستو پيو آهي. اهو ٻڌي مون کي ايڏو تہ ڏک ٿيو جو وڏيڪ گهمڻ ڦرڻ وٽيم کو نہ ۽ اتان سڌو هيڏانهن موٽي آيس. اهو ٻڌي بادشاهہ جا هٿ پير ٺري ويا ۽ ڊپ وچان چپ ٿي خشڪ ٿي ويس. ٻين پاون کي بہ ان ڳالهہ تي ڏاڍو ڏک ٿيو. نيٺ هن کان پڇيائون تہ: ڀلا ڪا اهڙي اٽڪل آهي جنهن سان بادشاهہ جي جان بچي سگهي؟ هن ٻڌايو تہ: هائو، هڪ صورت آهي. بادشاهہ هيئن ڪري جو سڀاڻي سمهڻ کان اڳ پنهنجي کٽ جي پرسان گلم تي گل وڇائي ڇڏي، پوءِ انهن جي اڳيان هڪ هنداڻو ڪپائي، ڳترا ڪري رکي ڇڏي؛ پوءِ وري بہ گُل وڇائي، ان کان پوءِ کير جو هڪ ٿالهہ ڀرائي رکي ڇڏي، تہ پوءِ ڪيس نانگ نہ ڏنگيندو.

بادشاهہ اها ڳالهہ ٻڌي، ٽپ ڏئي کٽ تان اٿيو. ڏنائين وڃي تہ برابر سڀ چور رستي تي وينا آهن ۽ سندن اڳيان سمورو خزانو پيو آهي. سوناري جي زال صبح جو مڙس جي خون جي دانهن ڪٽي آئي تہ ان کي قاسي ڏياري ڇڏيائين. پڇا تي معلوم ٿيس تہ ان ساڳئي پاڙي ۾ واقعي هڪڙي نيڪ بخت عورت مري وئي آهي، جنهن جو رات پائي ذڪر ڪيو هو، جڏهن

ي رات تي تڏهن سمهڻ کان اڳ چوتين پائي جي
هدايت موجب عمل ڪيائين. نانگ جڏهن ڪٽ جي
يجهو آيو ته پهريائين گلن تي آسيس ڪيائين، پوءِ
نداڻو ڪاڏائين، پڇاڙيءَ ۾ کير جو ٿالهه پريل ڏسي،
هو پيتائين ته اتي امالڪ ننڊ اچيس. بادشاهه نانگ کي
ني جو اتي مارائي ڇڏيو. پوءِ ڪٽ جي جوڙيندڙ
نهنجي ناني سُرتئي ڊڪڻ کي پنهنجو اهو سمورو
زانو انعام ۾ ڏئي ڇڏيائين، جنهن کي رات جو چور
نيو تي ويا.

سُرتيو ڊڪڻ اهو سمورو خزانو کڻائي، پنهنجيءَ
ال کي به ساڻ ڪري، بادشاهه کان اجازت وٺي، سڌو
هنجي اصلوڪي گهر آيو ۽ ماءُ ۽ ماسيءَ سان ملي
ڏو خوش ٿيو ۽ اتي ئي انهن سان گڏ هميشه لاءِ رهڻ
گو. ڪالهه ڏناسون ته سيئي خوش پئي گهميا.

# قيمتي ڳالھ

ڪنهن ملڪ جي بادشاھ، حڪم ڪيو تہ اسين
سياٽي شڪار تي
هلڻ چاهيون ٿا،
تنهن لاءِ ڳچ
لشڪر، طنبو
طولان تيار ڪيا
وڃن، ڪتن، بازن
کي هوشيار رکيو
وڃي، تير ڪمان،
بٺچيون پالا
چمڪايا وڃن.
بادشاھ جي ڏنگو
فرمان جي دير هئي، سمورو اسباب تيار ٿي ويو
جنهن جي چڪاس پاڻ پنهنجي سر ڪيائين. بعد ۾
سيني کي هدايت ڪيائين تہ: سڀڪو پنهنجو منهن
ونئي شڪار تي روانو ٿيندو، پوءِ جنهن جي اڳيان
جيڪو بہ جانور نڪرندو، سوئي ان کي شڪار ڪندو.

اهڙو حڪم ڪري لشڪر وٺي اتي هليو. ڪجهه
ٿ جي پنڌ ڪانپوءِ ، قدرت سان خود بادشاهه جي
امهون هڪڙو هرڻ نڪتو: جو ڇال ڏيئي ڀڄڻ لڳو:
ادشاهه به گهوڙو ڪٽي پويان ڇڏيس. انهيءَ مهل هن
ان گڏ فقط هڪڙو وفادار نوڪر هو. سو ڪوهه ڪن
ند ڪرڻ ڪان پوءِ هرڻ گم ٿي ويو. اتي بادشاهه کي
ادو ارمان ٿيو. ٿڪجي به پيو هو ۽ بک به ڏاڍو
ڪيو هوس، تنهنڪري نوڪر سميت هڪڙي
ڻ هيٺ ويهي رهيو. ٿوريءَ دير ڪان پوءِ سندس
وڪر تير سان به پکي شڪار ڪيا، جي ٽانڊن تي
چائي ڪائي سمهي رهيا.

صبح جو بادشاهه سجاڳ ٿيو ۽ نوڪر کي اٿاري
يائين ته: پريان ڪنهن ڳوٺڙي ۾ وڃ، ۽ ڪجهه کائڻ
ءِ سيڌو سامان وٺي اچ ته نيرن ڪريون. نوڪر
هوڙي تي چڙهي الهندي طرف ڏانهن رخ رکيو.
وريئي پنڌ ڪرڻ ڪان پوءِ ڪيس ماڻهن جو گوڙ ڏسڻ
آيو، جي شهر جي ٻاهران ڪنهن انتظار ۾ بيٺل هئا.
هن جي اوچتو هن تي وجهي نظر پئي، سي هڪٻئي
ي مبارڪون ڏيڻ ۽ نينگ ٽپا ڏيڻ لڳا. آخر هن جي
يجهو اچڻ تي ڏاڍا دهل دامام وڄائڻ لڳا. پوءِ هن کي

ڪنيي ڪٽي ڪنيائون ۽ بادشاهي پوشاڪ پهرائي، ڏاڍي رعب تاب سان آٽي تخت تي وهاريائونس.

امير وزير سڀ خذمت ۾ اچي حاضر ٿيا، هاڻي پاڻ کي بادشاهه ڏسي، نوڪر جو دماغ ستين آسمان وڃي لڳو. سو عيش عشرت ۾ هن ڪان پنهنجو جهنگ ۾ چڏيل بادشاهه بلڪل وسري ويو.

هوڏانهن گهڻي وقت گذرڻ تي بادشاهه کي اچي بک ڪان پيٽ ۾ وڪڙ پيا، سو بنهه بيحال ٿي پيو نوڪر جي نه ورڻ تي ڏاڍي ڪاوڙ لڳي. آخر جڏهن اچي ٻپهر ٿيا، تڏهن پاڻ به گهوڙي تي چڙهي نوڪر جي ڳولا ۾ انهيءَ طرف روانو ٿيو. توري ئي پنڌ ڪان پوءِ اچي شهر ۾ پهتو. سنهن اونداهي ٿي چڪي هئي بادشاهه مسافرخاني جي پچا ڪري، رات اتي ترسيو نئين بادشاهه جي خوشيءَ ۾ جتي ڪتي ٻوڙ پلاءُ ج ننگر لڳا پيا هئا. هيءُ به هو ڏاڍو بکايل سو ڪائي پي ڍو ڪري، اتي ئي سمهي رهيو ۽ خيال ڪيائين ن سڀاڻي نوڪر جي ڳولا ڪبي. سُتو ته سهي پر ننڊ ئ نه پئي اچيس، گهڻو ئي اکيون پوريان پر ٻيو ٿيو خير! پاسا اٿلائيندو ئي رهيو. انهيءَ سراءِ ۾ هڪڙ درويش به ٽڪيل هو، جنهن بادشاهه کي بيقراريءَ ما اٿل پٿل ڪندي ڏسي پڇيو ته: اي شخص! تون ڪي

آهين ۽ توکي ڇو ننڊ نٿي اچي؟ بادشاهہ جواب ڏنس تہ آءٌ گهڻو وقت ڪچهري ڪرڻ جو عادي آهيان، تڏهن ننڊ نٿي اچيم. درويش چيس تہ: سنهن مهانڊي مان تہ ڪو وڏ گهراڻو ٿو ڏسجين، هاڻي جي مرضي هجئي تہ پاڻ ۾ ويهي ڳالهيون ڪري وقت گذاريون، چاڪاڻ جو مونکي پاڻ ننڊ نٿي اچي. بادشاهہ چيس تہ: درويش! گهڻئي ڳالهيون ٻڌيون اٿم، ساڳيون ڳالهيون وري وري ٻڌڻ مان ڪهڙو مزو ايندو؟ باقي ڪا نئين ڳالهہ ٻڌائين..... درويش چيس تہ "منهن مهانڊي مان تہ ڪو وڏ گهراڻو ٿو ڏسجين. هاڻي، جي مرضي هجيئ تہ پاڻ ۾... درويش چيس تہ: "منهن مهانڊي مان تہ ڪو وڏ گهراڻو ٿو ڏسجين. هاڻي، جي مرضي هجيئي تہ پاڻ ۾ ويهي ڳالهيون ڪري وقت گذاريون."... ويهي ڳالهيون ڪري گذاريون"..... تہ ڏاڍو پلو ڪم ٿيندو، من روح وندري پوي. درويش چيس تہ: مون وٽ نيون ڳالهيون آهن پر اهي قيمتي آهن، سي مفت آءٌ بہ ڪونہ ٻڌائيندس تڏهن بادشاهہ چيس تہ درويش! مفت ٻڌڻ لاءِ آءٌ بہ تيار ڪو نہ آهيان، پر الاجي تون ڪيترو ۽ ڪهڙو اجورو وٺندين؟ مون وٽ رڳو لعلون آهن، سي جي قبول پون تہ حاضر آهن. درويش چيو تہ: هڪڙي ڳالهہ لاءِ هڪ لعل وٺندس. تنهن تي بادشاهہ بيٺ مان هڪڙي لعل ڪڍي

ڏنيس ۽ چيو تہ: چڱو پوءِ بسم الله، ڳالهہ شروع ڪر!
درويش ڳالهہ شروع ڪئي تہ: اي شخص! سائين حا
رنگ نيارا آهن. شاهہ مان گدا ۽ گدا مان شاهہ ڪرڻ
جي هن وٽ ويرم ئي ڪانهي. الله جي نظر ۾ پلو اهو
آهي: جو پرهيزگار آهي؛ نہ تہ انسان سڀ هڪجهڙا
آهن، ذات ناهي ذات تي، جو وهي سو لهي. سياڻن جو
قول آهي، تہ زماني جي گردش ۾ ڏسجي تہ ڪو خادم
مان مخدوم تي ويو آهي، تہ ان تي حسد نہ ڪجي، پر
هاڻي اڳتي وڌي ان جو استقبال ڪجي. درويش ائين
چئي ڪٽي چپ ڪئي. بادشاهہ پڇيو تہ، پوءِ؟ درويش
جواب ڏنس تہ : هڪڙي لعل جي ڳالهہ ٻڌايم، ٻيو لعل
ڏيو تہ اڳتي هلجي. بادشاهہ ٻيو لعل ڪڍي ڏنس. درويش
وري شروع ٿيو: اي مخلوق! الله بي نياز بادشاهہ
آهي. ٿوري تي پرچي، گهڻي تي رسي. هن کي ڪنهن
جو غرض ڪانهي، سيڪو سندس محتاج آهي. هو پاڻ
ستار آهي، ۽ اهي ماڻهو جي ٻين جي عيب پوشي ڪن
ٿا، تن تي راضي رهي ٿو. تنهنڪري توکي گهرجي تہ
تون بہ ڪنهن جي اگهاڙي ڏسين تہ ڍڪي ڇڏجئين.
درويش ائين چئي ڪٽي ماٺ ڪئي. بادشاهہ ، درويش
کي ٽئي لعل ڏيندي چيو تہ: درويش! ڳالهہ هلندي رهي
درويش بيان کي هيئن اڳيرو هلايو: الله جهانن جو

بادشاھ آھي، سڄيءَ جڳت جون جوڙون جوڙي ٿو، شاھوڪار پنھنجي مال تي مست ته بادشاھ وري بادشاھيءَ ۾ خوش، ۽ غريب غربو وري پنھنجي جائي جُواريءَ تي خوش آھي. ڪنھن کي ڪنھن جي منٿ محتاجي ڪانھي، الٽ ھرڪو عزت جو گھوريو آھي، مسڪين کي به عزت جو الڪو آھي. تنھنڪري تون جي ڪنھن غريب جي اڳيان لنگھين ۽ ھَو توکي محبت سان کوسن کھرن جي کائڻ جي صلاح ڪري، ته ڪڏھن به ھن جي غريبي تي خاخوش ٿي، ھن جي دعوت کائڻ کان انڪار نه ڪج! ايترو چئي ڳالھ کي بند ڪيائين. بادشاھ چيو: بلي! فقير سائين، قصو ھلي! درويش وراڻيو چوٿون لعل ملي، ته ڳالھ ھلي. بادشاھ چوٿين لعل به ڏنس. درويش ھن ريت ڳالھ کي ھلايو ته: عقل وارن جي فتويٰ آھي ته دنيا دورنگي آھي، ڪو ڪنھن جو ڪونھي، سيڪو مطلب جو يار آھي، ڪم لٿو ته ڪاڳر ڦاٽو. تنھنڪري تنھنجو به ڪنھن بيقدري سان پلئو اٽڪي ته ڪيس يڪدم السلام عليڪم چئي موڪلائجئين. بي انصاف ۽ بيقدري وٽ گھڙي به نه گھارج! ائين چئي درويش اتي وڃي سمھي رھيو ۽ بادشاھ به آرامي ٿيو.

بادشاهہ صبح جو ننڊ مان جاڳي، شهر مان نوڪر جي پڇا ڪئي، پر ڪٿان بہ پنو ڪو نہ پيس. بادشاهہ خيال ڪيو تہ ڇو نہ پاڻ ڪي سوداگر سڏائي ھن ملڪ جي بادشاهہ سان ملاقات ڪري، پوءِ موٽي مُلڪ هلجي. اهو خيال ڪري اوڏانهن رخ رکيائين، ۽ سڌو اچي شاهي دربار ۾ پهتو، نوڪر هن کان احوال پڇي وڃي بادشاهہ کي ٻڌايو تہ: فلاڻي ملڪ جو سوداگر، سائين جن سان ملڻ گهري ٿو. پنهنجي ملڪ جو نالو ٻڌي، بادشاهہ حڪم ڪيو تہ: هن کي شان مان سان آڻي دربار ۾ حاضر ڪريو. بادشاهہ جڏهن دربار ۾ قدم رکيو تہ ڇا سي تہ سندس جهونو خادم بادشاهي تخت تي تاج پهري وڏي ٺيڪي ۽ تجمل سان حاڪم بنيو ويٺو آهي. اهو ڏسي کيس هڪدم راتوڪي درويش واري نصيحت ياد آئي تہ، جي ڪو گدا مان شاهہ ٿئي، تہ ان کي عزت ضرور اها ڏجي، ڇو جو کيس خدا انهيءَ ڳالهہ تي رسايو آهي، اهو سوچي جهٽ پٽ بادشاهہ کي نِوڙي سلام ڪيائين. بادشاهہ جو پريءَ دربار ۾ ائين سلام ڪيو، تنهن خادم بادشاهہ جون اکيون چرخ ڪري ڇڏيون، ۽ ڇا ڪيائين جو سندس آداب بجا آڻڻ لاءِ تڪڙا قدم کڻي، اچي ياڪر پاتائينس ۽ کيس پاڻ سان وٺي ديوان خاص ڏانهن هليو ويو.

ڏَمُو مَئُو ترڻ تي نويڪليون خبرون ڪرڻ وينا. خادم چيو ته: موتنڪي معاف ڪجو، مون کان غلطي تي ويئي. پلا غلطي به چو نه ٿئي، جو مفت حڪومت ملي ويئي. ايڏا به ڪِن جا ڀاڳ! بادشاهه چيو: فڪر ڪونهي، تو جيڪي ڪيو سو چڱو ڪيو، آءٌ توکي ڏسي نهايت سَرهو ٿيو آهيان، اڄ تون حاڪم آهين، آءٌ تنهنجي رعيت. اهڙيءَ طرح سڄي رات ڳالهين ۾ گذري وين، ۽ صبح جو وهنجي سهنجي، نهي نڪي ٻئي ڄڻا دربار ۾ آيا.

خادم حاڪم، پنهنجي بادشاهه کي في الحال، سندس ئي صلاح سان پنهنجي حڪومت جو ننڍو وزير مقرر ڪيو، ۽ کيس رهڻ لاءِ علحده محلات پڻ ڏنائين. ٻنهي جي اها عادت ٿي ويئي ته هڪ رات ننڍو وزير (اصلوڪو بادشاهه) خادم حاڪم وٽ رهائڻ لاءِ ايندو هو ۽ ٻيءَ رات خادم حاڪم پنهنجي اصلوڪي بادشاهه يعني هاڻوڪي ننڍي وزير وٽ وڃي ڪچهري ڪندو هو. اهڙي نموني هن جي صحبت کي گهڻو عرصو گذري ويو ۽ قصو پئي هليو.

هڪڙيءَ رات ننڍو وزير، حاڪم کي پنهنجي جاءِ تي اماڻڻ پئي ويو. قنديل سندس هٿ ۾ هو، انهيءَ روشنيءَ ۾ هُو ڇا ٿو ڏسي ته هڪڙي ضاعفان ۽ مرد

حرم سراءِ جي اڱڻ ۾ بنھ بيخبر ٿيو ھڪبئي کي ياڪر پايو ببنا آھن. نندِي وزير کي ھڪدم خيال آيو تہ درويش ھدايت ڪئي ھئي تہ ڪنھن جي اگھاڙي ڏسين تہ ڍڪجاءِ. ھھڙي ڪا اگھاڙي ٻي! اھو ويچار ڪري بھانو بنائي، اٿرجي فرش تي ڪري پيو. اونداھي ٻاڏ تي ويئي، ۽ ھوڏانھن ھن جوڙي کي بہ ھن حال ۾ ڏسي پڃي وڃڻ جو موقعو ملي ويو، ۽ انھي سموري حال حقيقت جو بادشاھ کي ڪو سماءُ نہ رھيو.

آخر ان رات جي معاملي وڃي رنگ لاتو. وڏي وزير جي ڏيءُ ڪا چوڪيدار سان ٿتل ھئي، سا ھھڙيءَ طرح پاڻ کي اوچتو پڪڙجي پيل ڏسي، رھي نہ سگھي ۽ صبح ٿيڻ کان اڳ ھڪ سانگ سِتي روئڻ لڳي. پٽنس پڇيس: اماء چا آھي؟ سگھو بيان ڪر، مون کي پريشان نہ ڪر! ھوءَ تيئن وڏا سُڏڪا پرڻ لڳي، ۽ بلڪل اُيساھي وني ويس. تنھن کان پوءِ پيءُ کي ٻڌايائين تہ: مون شام جو دريءَ مان منھن ڪڍي دل وندرائڻ لاءِ چوڏاري ساوڪ سبزي تي ڏني، تہ اوچتو منھنجي نظر سامھين محلاتَ، جي دريءَ تي پيئي، ڏسان تہ بادشاھ جو نندو وزير مون کي اشارا پيو ڪري ۽ پاڻ ڏانھن اچڻ لاءِ منٿون ڪندي ھٿ پيو.

جوڙي. اهو حال ڏسي مونکي منهنجي غيرت اهڙو تہ مجبور ڪيو، جو پهريائين چيم تہ اهڙي جيئڻ کان مرڻ بهتر آهي، ڪٿي ترار پاڻ کي ختم ڪري ڇڏيان، پر پوءِ صبر کان ڪم وني ڪٿي مات ڪيم. بس اها گهڙي ۽ اُهو وقت آءٌ بلڪل بيچين ٿي پيئي آهيان تہ ڪيئن انهيءَ وزير کان هن جرئت جو بدلو ونجي! هيءَ حقيقت توهان کي ٻڌائي آزي ٿي ڪريان تہ ڇا ٻنهنجي بادشاهہ اهڙا بدمعاش ۽ لفنگا ماڻهو وزير بنايا آهن، جو اسان جي عصمت ۾ اکيون وجهندي کين ڪو بہ حياءُ يا ادب ڪو نہ ٿو ٿئي!

اها ڳالهہ ٻڌي، وڏي وزير جي ڪاوڙ جي حد نہ رهي، ڏيءُ کي چوڻ لڳو تہ: انهيءَ بيحياءَ کي حڪومت ڏيئي، اسان پنهنجون لڄون لٽائيندا سين ڇا؟ بس، يا ننڍو وزير هوندو يا آءٌ! ائين چئي سڌو دربار ۾ آيو. بادشاهہ وزير کي بتليل ڏسي، پڇيو تہ: اي وزير نيڪ تدبير! توکي ڪهڙي چنتا آهي، جو تنهنجو حال بدليل پيو نظر اچي؟ وزير چيو: ٻانهي کي انتظار آهي، خلوت ۾ ڪجهہ عرض ڪرڻ گهران ٿو، مهرباني ڪري منهنجي حقيقت کان آگاهہ ٿيڻ فرمايو. بادشاهہ ۽ وزير سڌو خلوتگاهہ ڏانهن آيا. وزير پنهنجي ڏيءُ وارو هٿرادو بنايل قصو سربستو ڪري کين ٻڌايو. بادشاهہ

ٻڌڻ بعد چيو تہ: اي وزير! پوءِ ڇا ڪجي؟ وزير چيو تہ: جيئندا قبلا! آخر هي شخص ڪير آهي، جنهن تي ايترو راز رکي هيڏي عزت پرئي درجي تي ڪيس تخت ۾ پهچايو ويو آهي؟ خادم حاڪم، جواب ڏنس تہ دراصل هيءُ منهنجو بادشاهہ آهي وزير چيو تہ: جي اهو تحقيق بادشاهہ آهي تہ توهان ڇاڻي واٽي پنهنجي پير تي ڪهاڙو هڻي رهيا آهيو! ايترو بہ نٿاڄاڻو تہ هيءُ بادشاهہ ٿوري وقت ۾ ئي حضور جن جي ملڪ کي حاصل ڪري، پنهنجي اصلي حڪومت، سان ڳنڍي، ٻنهي حڪومتن جي واڳ پنهنجي وس ۾ رکندو؛ تنهنڪري جيترو ٿي سگهي اوترو جلد هن کان پلاند آجا ڪرائڻ ۾ ئي ڀلائي آهي! بادشاهہ، وزير جي اها گفتگو ٻڌي سُن ٿي ويو ۽ ڪيس چيائين تہ: پوءِ ڪا اهڙي ڪيڏ ڪر، جو نانگ بہ مري ۽ ليڪو بہ نہ ڊهي. وزير چيو توهين ڇنا آهيو، آءٌ سڄو انتظام پاڻيهي ٿو ڪريان. توهين فقط انهيءَ وزير کي ايترو سو حڪم ڏيو تہ: سڀاڻي صبح جو سوير شاهي قصاب خاني ۾ وڃي قاصاين کي هدايت ڪري تہ، بادشاهہ جي کائڻ جو گوشت سنو نٿو ملي، تنهنڪري نظرداري ۽ چڪاس بہ ڪري، ۽ اهو بہ ڏسي تہ اهڙي ڪوتاهي ڪنهن جي آهي. بادشاهہ کي اها ڳالهہ چئي، وڏي وزير اجازت

ورتي. وڃڻ شرط قاصاين جي جمعدار کي گهرائي
کيس تاڪيد ڪري چيائين تہ: بادشاھہ سلامت جو
فرمان آهي تہ قصاب خاني ۾ سياڻي صبح جو جيڪو
بہ پهريون ماڻهو ڪو سرڪاري حڪم ٻڌائڻ اچي،
تنهن کي هڪدم قتل ڪري ڇڏجي ۽ سندس سِسِي
ڍاڪوڻ ۾ وجهي، سيل ڪري محفوظ رکجي، ۽
جڏهن ٻيو ماڻهو اتي پهچي تڏهن کيس اهو ڍاڪون
ڏيئي بادشاھہ سلامت جي حضور ۾ واپس روانو
ڪجي. پر اهو سڀ ڪم اهڙي نموني سان انجام ڏنو
وڃي، جو ڪا ويرم ئي نہ لڳي. جيئن تہ هيءُ ڪم
نهايت جرائت جو آهي تنهنڪري ڪنهن تمام سگهي
مڙس کي اڄ ئي هن ڪم تي مقرر ڪري تاڪيد
ڪري ڇڏجي. جمعدار وڏي وزير جو اهو حڪم ٻڌي
موٽي آيو ۽ بہ ٽي پهلوان قاصائي هن ڪم لاءِ مقرر
ڪري ڇڏيائين ۽ کين سموري ڳالهہ پڻ سمجهائي
ڇڏيائين. اجا سج ايرڻ ۾ گهٽي دير هئي تہ وڏي وزير،
ننڍي وزير کي بادشاھہ ڏانهن موڪليو، جنهن وڏي
وزير وارا سيڪاريل لفظ کيس چيا. ننڍو وزير حڪم
جي پيروي ڪرڻ لاءِ گهوڙي تي چڙهي قصاب خاني
ڏانهن روانو ٿيو.

خدا جي قدرت جو ان ڏينهن رستي تي ڪا شادي هئي، گهوٽ جو سرگس نڪري رهيو هو تہ هي بہ اچي اتان لانگهائو ٿيو. گهوٽ جو پيءُ هيءُ سنو سوڻ سمجهي ڏاڍو خوش ٿيو، ۽ وزير صاحب کي منٿ ڪيائين تہ: ڀلائي ڪري پنهنجا نيڪ ۽ قربائتا قدم اسان غريبن جي جهوپڙيءَ تان گهمايو، ۽ هن ڪڪائين گهر کي شرف ڏنو. وزير ڀهريائين تہ هن جي ڳالهين تي ڌيان ئي نہ پئي ڏنو، پر پوءِ درويش واري ڳالهہ دل تي تري ايس، ۽ بسم الله ڪري گهوڙي تان لهي پيو، ۽ وڃي ڪاج وارن جي ڪڪن ۾ وينو، ۽ شاديءَ ۾ ساڻن شريڪ حال ٿيو. هن قصي ۾ البت وزير کي ڪجهہ وقت لڳي ويو. جڏهن ڳچ مهل گذري، تہ وڏي وزير کي پڪ ٿي تہ قاصاين ننڍي وزير جو ڪم تمام ڪري ڇڏيو هوندو، سو تڪڙو تڪڙو گهوڙي تي لانگ ورائي ڪوس گهر ڏانهن ڀڳو. اچڻ سان قاصاين کي چيائين تہ: ڪيئن ڪم نيڪ آهي يا نہ؟ جلد ڪريو امانت ڏيو! هنن وراڻيس تہ: سائين اندر هليا اچو. وڏو وزير جيئن اندر گهڙيو، تيئن ڪيس چوڪنيو ٻڌي، اچي ڪاتين سان ورتائونس! بس پوءِ تہ هيون هن جون دانهون ۽ رڙيون. چوندا آهن الله ڏي ۽ ٻانهو سهي. سو وزير صاحب بہ گهٽو ئي پاڻ پتوڙيو ۽ هنن کي

سمجهائين ۽ چيائين، پنهنجا عهدا بيان ڪيائين، ۽ آخر اهو به چيائين ته: اهو ٻيو وزير آهي، جنهن لاءِ بادشاهه سلامت مارڻ جو حڪم ڏنو آهي، پر هو ڪٿي تا بڏن، جن کي حڪم ملي چڪو هو ته جيڪو پهريون ماڻهو اچي تنهنجو هٿي قيمو ڪري رکجو! سو هٿي وڏي ٿڪي ٽڪر ٽڪر ڪري ڇڏيائونس.

توريءَ دير بعد، ننڍو وزير به شاديءَ وارن کان موڪلائي ڪوس گهر ڏانهن آيو، ۽ قاصاين کي گرٿت جون پارتون ڪرڻ لڳو. قاصائن ڪيس سيله مهر تيل گوشت جو ڏاڪون، بادشاهه سلامت کي پهچائڻ لاءِ ڪٽي آٽي ڏنو. اهو پاڻ ڪٽي ڏرٻار ۾ اچي بادشاهه جي حضور ۾ پيش ڪيائين. بادشاهه هن کي جيئرو ڏسي وائڙو تي ويو ۽ يڪدم ڏاڪونءَ جو پڙ کولي ڏنائين. وڏي وزير جي سسي ڏاڪون ۾ بند ڏسي بلڪل حيران تي ويو ۽ ننڍي وزير کان احوال پڇيائين، جنهن چيو ته :آءٌ حڪم موجب قصاب خاني ڏانهن وجي رهيو هوس ته رستي ۾ هڪ جج شاديءَ وارن جي ڏنم، جي دعوت ڏيئي مون کي پاڻ سان وٺي ويا. اتان واندو ٿي، قاصاين کي جيئن تنبيهه ڪرڻ لاءِ ويس، ته انهن اهو ڏاڪون ڏنو، جو حضور ۾ اچي پيش ڪيو اٿم، وڌيڪ ڪا به خبر ناهي. آءٌ بلڪل ڪ

نہ تو ڄاڻان تہ اسان جي وڏي وزير جو ھھڙو حال ڪيئن ٿيو آھي بادشاھ جواب ڏنس تہ: وڏي وزير رات اھا ڳالھ ڪئي ھئي تہ توھان سندس جوان ڌيءَ سان محلات ۾ ويٺي ڪا ڪئونس ڪئي ھئي، جنھن پيءُ کي روئي دانھن ڏني ھئي: پوءِ وزير اوھان جي مارائڻ لاءِ قاصاين کي چئي آيو ھو تہ جيڪو اڄ صبح جو سوير سرڪاري پھريون ماڻھو اچي، تنھن کي قتل ڪري، اُن جي سسي ڏاڪوڻ ۾ ڏيکي بادشاھ ڏانھن ڪلجو. اوھان صبح جو سويل اوڏانھن روانا ٿيا، قضا جا ڪم جو توھان واٽ تي ويھي رھيا ۽ وزير اڳيرو تي ان انھن ويو ۽ ختم تي ويو. تنھن تي نندي وزير چيو تہ: جھڙي ڪرڻي، تھڙي ڀرڻي. آءٌ وزير صاحب جو بد خواھ ڪو نہ ھيس، نڪي سندس نياڻيءَ ۾ منھنجي بُري اک ھئي: البت ان رات جڏھن آءٌ شمعدان سميت حضور جن کي اماڻڻ پئي آيس ۽ ڪري پيو ھوس، تڏھن محل جي ايوان ۾ ٻہ ماڻھو ھھڙيءَ طرح بيٺل ڏٺا ھئم: لاشڪ انھن ۾ ھڪ وڏي وزير جي ڌيءُ ھئي. مونکي خيال ٿيو تہ ھنن تي ڪنھن جي نگاھ پوڻ چڱي ڪانھي، سو مون ڄاڻي واڻي شمعدان ڪيرائي اونداھي ڪئي، ان خيال کان تہ متان اوھان جي نگاھ مٿن پئجي وڃي، ۽ ناحق

مارجي وجن، تنهن جو بَدلو شايد وزير اهو ئي ڏنو. پر خدا حق وڪيل آهي، سچن ساٿي ڪوڙن گهاٽي پوءِ اول ڪان وني آخر تائين، مسافرخاني ۾ رات جو درويش ڪان بدل قيمتي ڳالهيون به بادشاهه کي ڪري بڌايائين، ۽ ڪيس ائين به چيائين ته، پچاڙيءَ واري نصيحت جا درويش ڪئي هئي سا هيءَ هئي ته: ڪنهن بيقدر، بي انصاف جي ياري، توڙي نوڪري نه ڪج! سو اوهان به انهيءَ نموني ثابت ٿيا، جو بنا پڇڻ مونکي موت جي منهن ۾ ڏيئي ڇڏيوَ. پر خدا ڪٿي بچايو اٿم. بادشاهه سلامت! افسوس جو توهان مون کان هن حقيقت تي ڪجهه پڇڻ به مناسب نه سمجهيو! هاٿي اها بادشاهي اوهان کي نيبهه هجي ۽ اسان جي الله واهي. ائين چئي بادشاهه کان، جو اصل ۾ سندس غلام هو، هي خانداني بادشاهه موڪلائي، پنهنجي اصلوڪي گهوڙي تي چڙهي وني پنڌ پيو ۽ هلندي هلندي اچي ڪن ڏينهن جي پنڌ کان پوءِ پنهنجي بادشاهيءَ ۾ پهتو. هن ملڪ جي واڳ بادشاهه جي گم ٿي وڃڻ کانپوءِ وقت جي وڏي وزير جي هٿ ۾ هئي، جنهن بادشاهه سلامت کي زنده ۽ خوش خورم ڏسي، خدا جا شڪرانا بجا آندا. سڄي ملڪ ۾ نئين سر نئون رنگ لڳي ويو. غريب غربي، ۽ فقير فقري لاءِ خزاني

جا دروازا کولي ڇڏيائون. ڪو وقت تہ ملڪ ۾ خوشين جي ڌم لڳي ويئي. بادشاھ، پنهنجي راڻين ۽ اولاد سان بہ مليو، ۽ سڀ ڏاڍا خوش ٿيا. جهڙيءَ طرح انهيءَ وچڙيل بادشاھ ۽ سندس وگر جو ميلو ٿيو، تهڙيءَ طرح شال جڳ جهان جو ٿئي.

**

# مولوي صاحب

ڳالھ ڪندا آھن تہ ھڪڙي مولوي صاحب کي
ڪنھن پر واري ڳوٺ ۾ وڃڻو ھو. پنڌ تورو پرپرو ھو،
ن ڪري ھڪڙي ٻناري کان مسواڙ تي ھڪ متي
ارھين آني ياڙي سان گڏھ ورتائين. ٻنارو گڏھ
نجي آيو ۽ مولوي صاحب بہ گھر وارن کان
وڪلائي توڪلائي روانو ٿيو، جيئن تہ گڏھ ھڪ
تي ٻدل ھو، تنھنڪري مولوي کي ان شھر ۾ ڇڏي
ري گڏھ وٺي ٻناري کي واپس مولويءَ واري ڳوٺ
موٽي اچڻو ھو. مولوي صاحب گڏھ تي چڙھيو وينو
، ۽ ٻنارو گڏھ جي واڳ وٺيو پيادل ھلندو ٿي ھليو.

پنڌ اڪيلي جو دشمن، تورو پنڌ بہ جھجھي
ڪائي ڏئي، سو ھلندي ھلندي ٻناري، مولوي صاحب
، چيو: سائين پنڌ انگھي پيو آھي: ھاڻي مھرباني
ري ڪا ڳالھ ٻڌايو تہ پنڌ ڪٽي. مولوي صاحب چيس
ابا! چئين سچ ٿو، پر منھنجون ڳالھيون آھن
تي، مفت ڪو نہ ٻڌائيندس: پر ھڪڙي ڳالھ جا
آنا وٺندس. ٻناري توري ٻڌتر ڪان پوءِ سوريءَ

بدران ڪندو باسي، ها ڪئي ۽ چيائينس ته: سائين! چار آنا پاڙي مان ڪاڻجو، هاڻي ڳالهه ٻڌايو. مولويءَ چيس: ابا! ڪن ڪري ڳالهه ٻڌي دل تي رکج ۽ جيڪي چوانءِ تو سو ٻڌ. جيئن ته جهجها چونئي تيئن ڪج. ٻناري چيو: هائو سائين! مولوي چيس ته: بس ڳالهه پوري تي. پلا ڏينهن ۽ پنڌ پنهنجي مدي تي پورو ٿئي، سو هلندي هلندي ٻناري کي وري به پنڌ ڏيکارڻ ڏني، سو تنهن مولوي صاحب کي چيو ته: سائين وري ڪا به ڳالهه ٻڌايو. مولوي صاحب چيس: ڳالهه ت چار آنا پونديءَ. ٻناري اهي قبول ڪيا. مولوي صاحم چيس ته: ابا! دل جو راز پنهنجي زال کي به نه ٻڌائ ڳالهه پوري تي ٻنارو مولوي صاحب جي ڳالهين وچايل اٿن آنن جي فڪر ۾ هلندو هليو. پنڌ باقي ڪ اڃي رهيو هو، پر ٻنارو ٿڪجي پيو، تنهن کي پٽر جبل جيڏي ڏيکائي پئي ڏني. هلندي هلندي مولو صاحِب کي عرض ڪيائين ته: سائين! وري به ڪا ڳا ٻڌايو، مولوي صاحب چيس: پاڙي ۾ باقي تنهنجا چ آنا مون وٽ رهيل آهن، سي ڳالهه ٻڌائڻ ڪانپوءِ ڇ ٻناري قبول ڪيو. مولوي صاحب چيس ته: ابا! انصا واري بادشاهه وٽ پلجي به ڪڏهن ڪوڙ نه ڳالها ٻناري جا ٽن ڳالهين ۾ ٻارهن آنا پورا ٿي ويا. نيث

ٻہ اچي پورو ٿيو ۽ هي اچي ڳوٺ ۾ پهتا. اتي مولوي صاحب کي چڏي، ڏينهن ناري، ٻنارو گڏھ تي چڙهي پنهنجي ڳوٺ ڏي روانو ٿيو.

موٽندي مهل ٻناري کي گس ۾ هندن جو ميڙ گڏيو. جن جو گرو گذاري ويو هو، اهي گروءَ جي لاش کي ڪاٺيءَ تي رکيو، درياءَ شاھ ۾ لوڙهڻ لاءِ ڪنيو پئي ويا. گس ۾ جو ٻناري کي ڏٺائون سو گڏجي ڪيس چيائون تہ: تون ايڏهين پيو وڃين؛ اسين توکي تنهنجي مزوري ڏيون ٿا، پلائي ڪري اسان جي گروءَ جو لاش گس ۾ درياءُ شاھ ۾ لوڙهي ڇڏج. ٻناري پهريائين تہ ناڪار ڪئي، پر پوءِ سيني هندن جي ستائڻ تي هن کي مولوي صاحب واري ڳالهہ ياد اچي ويئي، جنهن چيو هوس تہ:”جيئن جهجها چَوَنئي تيئن ڪج“ پوءِ اندر ۾ خوش ٿيو، پر ٻاهريون ٻنون رکي مرندي جهرندي ڪٽي هاڪار ڪيائين. هندن هن کي دل تي پئسا ڏنا ۽ ڪاٺيءَ کي گڏھ تي رکي هي درياءَ ڏي هليو. جڏهن درياءَ تي پهتو تڏهن ڪاٺي گڏھ تان لاهي درياءَ جي ڪپر تي رکيائين. ور ڪٽي هن کي لوڙهڻ لاءِ تيار ٿيو، تہ اتي خيال آيس تہ: هن جنازي تي جيڪي ڪپڙا ۽ چادرون پيون آهن سي ٻہ ڇو نہ لاهي

وٺان. مئن ڪان جيئرن ڪي ڪپڙن جي وڏيڪ ضروت آهي. اهو خيال آٽي جھڙو هن جي ڏوتي چوڙيائين ته هن جي چيلھه ۾ نورو رپين جو ٻڌل ڏٺائين. ٻناري سٽ ڏيئي اهو چوڙي پنھنجي چيلھه سان ٻڌو ۽ ٻيا ڪپڙا لاهي سوگها ڪري، جنازي کي پاٽيءَ ۾ لاهي ڏڪو ڏٺائين، جو پاٽيءَ جي وهڪري ۾ لڙهندو ويندو رهيو. هن اتي گس ورتو، ۽ دل ۾ مولوي صاحب کي دعائون ڪندو ويو ۽ پڪ ڪيائين ته مولوي صاحب جيڪي ٽيئي ڳالهيون ٻڌايون آهن، سي ٽيئي سچيون هونديون ۽ فائدي واريون هونديون. آءٌ تنهي تي پورو رهندس. اهي ڳالهيون ڳٽيندو ۽ ويچار ڪندو اچي پنھنجي گھر پهتو.

غريب پورهيتن جي طبيعت آهي ته جنهن ڏينهن چار پيسا هٿ ايندا اٿن ته ان ڏينهن مڙيئي حال سارو سنو رڏيندا آهن. پر ٻناري کي ته سڄو نورو رپين جو هٿ اچي ويو هو، تنهن جا ته خيال ئي ٻيا ٿي ويا. اڳئين ڪان مڙئي ڪم گھٽ ڪرڻ لڳو ۽ هن نڪَ ٻڌي چڏي جو صبح جو سويل جهنگ جي خيال لاءِ نڪريو. ويندو هو. اتان نوري مان هڪ رپيو ڪڍي زال جي هٿ تي آٽي رکندو هو، ۽ ڪيس ڳنڍڻ ٻانڌڻ جو چوندو

هو. زالون اڳئي داغ لاءِ آتيون، سو هوءَ پنهنجي مرضيءَ تي سڄي پاڙي کان اڳي ڪاڏو تيار ڪريو ويني هوندي هئي. سرهي داغ جو هڳاءُ سڄي پاڙي کي واسي ڇڏيندو هو. آخر سڄي پاڙي ۾ هن جي داغ جي هڳاءُ ۽ سرنديءَ جي چو پچو پئجي ويئي. جتي به چار ٻناريون ڳڌجن اتي هنن جي ڳالهه ضرور هلي، چي: ادي! فلاڻيءَ الاجي ديگ لڌي آهي يا ڪو خزانو جو ڪوهه لڌو اتس جو اڳي ڪڏهن ڪڏهن. جمعي چنڊاڻي ڪا بصر چاڙهيندي هئي، سا به ڪتان ڪاٺي وننددي هئي، ڪتان مرچ وني ٻئي جي گهران ڪٺيو پوءِ وجيو رڌيندي هئي. ان ۾ به نه گيهه نه ڪتاڻ، ۽ رڳو ڪچو بصر، ڏني پيئي ڪريڙ تيندي هئي! اتي وري ٻي مائي چوندي هئي: امان! خدا جا رنگ نيارا آهن، هاڻي ته سنجهي صبح رڳو داغن جا چوچاٽ پيا پون. اسين اجا نيرن جو لولو پيون تڦيون ته هن جي گهر ٻپهرن جي اڪري پيئي ڪنجي. ڪيئن ته ياڻئين ادي، ڪو پتو پوي ٿي تو؟ سڄي پاڙي ۾ اُتي وِيني اها ئي چو پچو هوندي هئي. ٻيڻ زالن جي دل، اڃي مردن تي آڪيڙا چاڙهيائون ته: مئا! توهين جيڪي ڪمايو ٿا سو شايد ٻاهران ئي نشي پتي ۾ پورو ڪري ٿاڇڏيو، جو

گهر ۾ ڳنڍڻ به پورو ڪو نه ٿا آڻيو. فلاڻو به ته توهان
جهڙو آهي ۽ توهان سان پيو ڪمائي، ان جي گهر روز
پيا خشڪا داغ ٿين ۽ هت ٿيهه ئي روز دال ڪائي اسان
جا آنڊائي خراب ٿي پيا آهن. مرد ويچارا ڪهڙي واهه
وڃن. سي پاڻ ٽپرس ۾ هئا ته اهو ٿوٽي ڪم به اسان
ڪان گهٽ ڪري، پوءِ به هو ڳاڙها پوڙ پيو ڪائي سو
الاجي ڪيئن! تن وري پنهنجن زالن وٽ ساڪون
ڏنيون ته: اسين سڄو ڏينهن گڏهن سان پيا وهون، سو
توهين پاڻ پيون ڏسو ته جيڪي ڪمايون ٿا سو آڻي
توهان جي اڳيان ٿا رکون؛ پر فلاڻو جيڪو پورهيو ٿو
ڪري سو به ساريو پيو اٿئون. باقي هن ڪي ڪيا ڪڏ
هٿ آئي آهي، يا ڪو ڪيمياگر ٿيو آهي ته اها خبر
خدا ڪي! هاڻي توهين هن جي زال ڪان اهو راز وڃي
هٿ ڪريو ته اسين به ان وانگي ڪٽي ڪريون. من
اسان ڪي به ڪو اهڙو ڀاڳ لڳي وڃي ۽ ٿيئي وقت
پيا داغ ڪريون.

اها صلاح ڳٽي چار ڄٽيون، جيڪي بناري جي
زال سان هاڻيون ماٽيون هيون، سي وٽس آيون.
ڳالهين تان ڳالهيون ڪندي، هڪڙيءَ ٻيءَ ڪان پڇيو ته:
ادي! تو اڄ ڪهڙو ڪنو چاڙهيو هو؟ پهرين وراڻيو:

ادي، مئو پيٽ آهي، سو تہ پرجيئي ڪو نہ ٿو، منهنجو مڙس سچو ڏينهن ٿو وهي، تہ بہ پورت ڪانهي. اڄ پئسو هو ڪو نہ جو بصر جون چار ڳنڍيون ڪُٽي ڪٽي چٽني ناهيم، ذرو ذرو ڪري وقت ڪاٽيوسين، باقي ليکي تہ لل ڪونهي. رکي سُکي ڪايو پيا وقت ڪاٽيون. مٿان وري ٻيءَ ٽينءَ ڪان پڇيو: ادي! تون خبر ڪر، اڄ پوڙ لاءِ وٺي موڪليم سا خالي واپس ڪيئي؟ تنهن تي هن چيس تہ: ادي، توڪان جي لڪايان تہ نور وڃيم، پينرن سان ڪهڙو راز، ٽائيءَ ڪان ڪو دن ڳجهو ڪونهي. ڪاري پلي جو ٽڪر گهر ۾ پيو هو، سو چلهہ ۾ پوهي ذرو ذرو ڪري ڪٽي ٽڪر لنگهايوسين، اتي نوري واري بناري جني زال وچ ۾ ڳالهايو: ادي، مون ڏانهن ڪٽي چوڪرو موڪلين ها تہ گوشت جو ذرو ڏيانءِ ها، هن جو ايترو چوڻ، پوءِ چارئي چٽيون حجمۃ، مان حيلا ڪري بيٺيون، تہ من ڪا همياٽيءَ جي سچي ڪري، پر هو خود ويچاري بيخبر سا چا ٻڌائين. تنهن چيو تہ: هائو ادي، مڙس اچي تہ پڇي توهان ڪي ٻڌائينديس. اها پڪ پڪانہ ڪري، چارئي چٽيون موڪلائي اتي روانيون ٿيون.

رات تي، ڇڏهن لوڪ لٽاءُ ستو تڏهين بناري جي [illegible] ميان! اڄڪلھ ڪنھن جو ڪم پيو ڪرين؟ مڙس جواب ڏنس ته: پورهيو ڪني آمي، ٻني ور مٿيءَ جا ڪٽي گڏهه ڇوڙيو ڇڏيان، رڳو جانورن جي ڪتر ٻه مس مس تي ٿئي. تنهن تي زال چيس ته: پوءِ هي جو روز مون کي رپيو ٽو ڏين سو ڪنن [illegible]؟ ڪا جوري يا ڌاڙو ته ڪو نه هنيو اٿئي؟ مڙس چيس ته: خير ڪهر [illegible] پيا ڪائون. زال چيس ته: الله ٻه ڪو اڇليو ڪو نه ٿو ڏئي، پيا ٻه تو جهڙا توڪان جهجهو تا پورهيو ڪن ته ٻه لولي جو لوڻ ئي ڪونهين، تنهن ڪان سواءِ اڳ ٻه ته تون اهو پورهيو ڪندو هئين. تڏهن ٻه اسان ته ڪي ويلا وينا ھوندا هئاسين. هاڻي ته قصو ئي ٻيو لڳو پيو اُهي. مون سان اها سچي ڪر ته آخر اهو رپيو تون روز ڪٿان تو آڻين؟ تنهنجي دشمن ڪا نه آهيان، شايد مونکي پنهنجو سڄڻ ڪري نٿو سمجهين، جي ٻيائي رکندين ته نيت جو نانگ وڙهندئي. ائين چئي ا۔ين سان لڙڪ ڳاڙي اڇي روئڻ ۾ پئي بس پرءِ نه الله ڏئي ۽ بندو سهي، زال اڇي بدلي چي: ڪا ننڍڙي ڪا نه آهان سيڪي تي سمجهان ته هاڻي مون سان بنهه ڪا

نہ تي پوئي مام ۾ نہ ٻول، آءٌ مائٽن ۾ وڃي وهنديس تہ پاڻهي منهن پت سان لڳندي. مڙس ويچارو منجهي پيو، زال ذات جي لڙڪن اڳيان وڏن وڏن بزرگن ۽ شهنشاهن هٿيار ڦٽا ڪري ڇڏيا، سو هيءُ ويچارو ٻنارو، اصل ماٺ تي ويو، پر سمجهيائين تہ رن ضد تي چڙهي آهي، سا ڇڏيندي ٻنهه ڪا نہ هنن رنن کي خدا ڪا مت ڏئي، باقي ڪنهن جي پيٽي ڪانهي. پوءِ خيال ڪيائين تہ ڪٿي قصو ڪري ٻڌايانس. پر اتي مولوي صاحب جي نصيحت بہ اچي ياد پيس تہ، زال کي بہ دل جو راز نہ ٻڌائج، سو ڇا ڪيائين جو سڄي ڳالهہ لڪائي، زال کي راضي ڪرڻ لاءِ چوڻ لڳو: تون روز ڏسندي آهين تہ آءٌ صبح جو سويل جهنگ ڏي ويندو آهيان. اتي پهچي ڦيريائين اڪ جا بہ ڪچڙا پن ڪائيندو آهيان، تہ مونکي پيٽان هڪڙو اهو ڪلدار رپيو نڪرندو آهي، جو ڌوئي صاف ڪري آڻي توکي ڏيندو آهيان: ٻيلي! ڌوهي اٿئي، پلائي ڪري ڪنهن کي بہ اهو احوال متان ٻڌائين. زال چيس تہ: منهنجو کهڙو ڪم، مونکي الاجي ڇا سمجهيو اٿيئي! آءٌ ڪا اهڙي هلڪي ۽ ننڍڙي دل واري آهيان ڇا؟ خير رات گذري، صبح جو ٻناري وري بہ دستور موجب رپيو

آئي زال جي هٿ تي رکيو ۽ پاڻ گڏهه پلاڻي ڪم تي راهي ٿيو. ڪجهه وقت کان پوءِ هو پاڙي وارين مايون، چارئي ڄڻيون ڪانيءَ ۽ ٿانڊي جي بهاني سان اچي گڏ ٿيون، اوياريون لهواريون ڪندي بناري جي زال، مڙس کان ٻڌل سمورو قصو رات وارو ظاهر ڪري هن کي ڪٽي ٻڌايو ۽ چئني کي پارت ڪيائين ته: ادي! ڪنهن سان هيءُ ڳجهه ظاهر نه ڪجو نه ته مڙس اصل ماري وجهندم. هنن پڪ ڏنيس ته مُئي چو اچي ٻتال تي آهين، متان ڪڏهن اهڙو خيال ڪيو اٿئي! اٿين چئي هر ڪا پنهنجي پنهنجي گهر ويئي. چوندا آهن ڪا ٻه ڳالهه هڪ کان نڪري ٻئي وٽ پهتي ته پوءِ سين وٽ پهتي، سو سڄي بنارن جي پاڙي ۾ اڪيچني ۾ اها خبر پئجي ويئي. اجا صبح وارو تارو ئي مس ابريو ته سيڪا بناري، پنهنجي پنهنجي مڙس کي اٿاري چوڻ لڳي ته: سيگهه ڪر، سڄ پيو ابري، هڪدم جهنگ ۾ وڃي اڪ جا چار پنج ڪچڙا ڪچڙا پن پٽي ڪائي، جهنگ جو خيال لاهي اچ. پر ٻڌ اهو خيال رکج ته اهي پن ڪاڻ ڪانپوءِ پيٽان ٻه رپيا نڪرندءِ سي سنڀالي ڪٽي اچج! سليمين جي لالچ تي، سيڪو ڳ شائتي هند ڏانهن پڳو. تان جو سڄ پٽن تي پئجي

ويو، پر بنارن مان ڪا بہ پهر ڪا نہ وري. پوئتي زالن
کي اچي وسوسا پيا تہ متان رييا قاسي پين، با لالچ ۾
اچي، هڪبئي سان وڙهي پيا. نيٺ سهي سهي ٻئي
جڻيون گڏ ي مڙسن جي پرگهور لاءِ روانايون ٿيون.
تي پهچي ڏسن تہ مڙس چانءِ جا پاسا ونيو پيا آهن ۽
دست جي متان دست پيا هڻن. زالن روج راڙو مچائي
ڏنو ۽ ڪنهن حيلي سان هر ڪا پنهنجي پنهنجي مڙس
کي وٺي اچي گهر پهتي. هلندي هلندي اها خبر بادشاهہ
تائين وڃي رسي. بادشاهہ بناري جي زال کي گهرايو،
جنهن مڙس جي راز واري سربستي ڳالهہ ڪري
ٻڌائي. بادشاهہ بناري کي گرفتار ڪرڻ جو حڪم ڏنو.
جڏهن بناري وٽ سرڪاري سپاهي پهتا تہ هن ويچاري
ٺا ڇهہ ئي ڇڄي پيا. چيائين، ناحق رن کي اها ڳالهہ
ٻڌايم هاڻ تہ سر تو وڃيم. وري بہ مولوي واري ٽين
صيحت ياد پيس تہ: انصاف پسند بادشاهہ وٽ سچ
ائهائج! سپاهين هن کي جڏهن وٺي بادشاهہ جي اڳيان
ر ڪيو، تڏهن ڏنائين تہ سندس زال بہ متس شاهد
ي هئي ۽ ٻيا سي پاڙي ۽ ذات نيات وارا زالين
متس فريادي هئا. هن ڏنو تہ هاڻي حياتيءَ جا
پورا ٿيا. رک رڪاءُ جو وقت ڪونهي، جي

بادشاهه انصاف پسند هوندو ته ڇڏي ڏيندو. اها ڳالهه
ٻڌي هن بادشاهه کي اول ڪان ونئي آخر تائين سڄو
صاحب واري ڳالهه ڪري ٻڌائي. موت ۾ هندن جي
جنازي ۽ نوري رپين واري ڳالهه به سربستي عرض
ڪيائين. بادشاهه هو انصاف پسند تنهن جڏهن اها
ڳالهه ٻڌي، تڏهن ٻنهي ٻنارن کي لالچي سمجهي گهٽ
جٺ ڪيائين، ۽ چيائين ته: بيوقوفو! ڪڏهن اڪ جي
پنن ڪاڏي به ڪي رپيا نڪتا!؟ ٻناري جي زال کي
ڏاڍي هيتري هاها ڪيائين، جنهن مڙس جو ڳجهه ظاهر
ڪري سيني کي تڪليف ۾ وڌو هو.

**پورو ٿيو**

UNIVERSAL PUBLIC ELEMENTARY SCHOOL
HYDERABAD